سلسلو مواعظِ حسنہ نمبر ٨

# عورتن جا حق

(حقوق النساء)

شيخ العرب والعجم عارف باللّٰه

حضرتِ اقدس مولانا شاه **حکیم محمّد اختر** صاحب دامت برکاتهم

**خانقاهِ امداديہ اشرفيہ**

**گلشنِ اقبال بلاک نمبر٢ کراچي**

# انتساب

احقر جا الکيل مڙئي ڪتابَ ۽ ڇپيل سڀ ڳالهيون
حقيقت ۾ مرشدنا و مولانا محي السنة حضرتِ
اقدس مولانا شاه ابرار الحق صاحب رحمة الله عليه ۽ حضرتِ
اقدس مولانا شاه عبد الغني ڦولپوري صاحب رحمة الله عليه
۽ حضرتِ اقدس مولانا شاه محمّد احمد
صاحب رحمة الله عليه جي صحبتن جي فيض ۽ برڪتن جو
ذخيرو آهن

**احقر محمّد اختر عفا اللّٰه عنہ**


تقرير جو نالو : عورتن جا حقَ
تقرير ڪندڙ : شيخ العرب و العجم عارف باللّٰه حضرتِ اقدس
مولانا شاه حڪيم محمّد اختر صاحب
دام ظلالهم علينا الیٰ مِأَةٍ وّ عشرين سنةً
جامع ۽ مرتِّب : سيد عشرت جميل مير صاحب دامت برڪاتهم
تقرير جي جاءِ : ڏکڻ آفريقا
سنڌيڪار : مولانا ظهور احمد صاحب، ميمڻ . هالا نوان
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: مجيب منصور
ڇپائيندڙ : خانقاه امداديه اشرفيه گلشن اقبال ڪراچي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# مُقدِّمو

ڏکڻ آفريقا جي ڪجھ خاص دوستن جي دعوت تي هن سال جنوري ۱۹۹۰ء ۾ مرشدنا حضرتِ اقدس مولانا شاھ حڪيم محمّد اختر صاحب دامت برڪاتهم جن جو ڏکڻ آفريقا ڏانهن سفر ٿيو. سفر جي شروعات ۾ پهرين عمرو ادا فرمايائون ۽ سعودي عرب ۾ پندرهن ڏينهن رهڻ ٿيو ۽ اُتي ئي هن سفر جي دعوت ڏيندڙ ۽ انتظام ڪندڙ مولانا حسين پيات صاحب، ڏکڻ آفريقا مان سفر جا ساٿي ٿيڻ لاءِ اچي ويا.

ان ڪري ۲۷ جنوري ۱۹۹۰ء بروز ڇنڇر حضرت والا، راقم الحروف ۽ مولانا حسين پيات سان گڏ ڏکڻ آفريقا پهتا.

انهي ئي ڏينهن رات جو نمازِ عشاء کان پوءِ مولانا حسين پيات صاحب جن جي گهر (جيڪو لينشيا ۾ آهي) ۾ ڪيترائي اهلِ علم ملاقات لاءِ گڏ هئا ۽ حضرتِ اقدس دامت برڪاتهم پنهنجي عادتِ شريفہ موجب، ارشادات سان نوازڻ لڳا، زالن جي حقن تي تقريباً هڪ ڪلاڪ ڳالھ ٻولھ ڪندي بيان فرمايائون، پوءِ حاضرين ڪرام خود فرمايو تہ اسان کي تہ ڏاڍو فائدو ٿيو. مجلس ختم ٿيڻ کانپوءِ هڪ عالمِ دين فرمايو: تہ سائين ! توهان تہ هتي جي ماڻهن جي اصل بيماريءَ کي بيان فرمايو آهي، ڪيترائي ماڻهو هن مرض ۾ مبتلا آهن ۽ زالن جي حقن ۾ تمام گهڻي ڪوتاهي ڪن ٿا ۽ خواهش ظاهري ڪئي ويئي تہ هي بيان وري ڪنهن ماڻهن جي ميڙ ۾ ٿيڻ

گهرجي تانته نفعو عام ٿئي ۽ هي ڳالهيون سڀني جي ڪنن تائين پهچن، ان شاء الله تعاليٰ گهڻي نفعي جي اميد آهي. ٻئي ڏينهن ڪيترن ئي دوستن اها فرمائش ڪئي ته اهو بيان ڪنهن مسجد ۾ وڏي ميڙ جي سامهون هجڻ گهرجي ۽ ڪيترن ئي عالمن سڳورن جيڪي رات واري مجلس ۾ حاضر هئا فرمايو ته: رات واري بيان سان ته اسان جون اکيون کليون ۽ اسان پنهنجي زالن کان معافي ورتي آهي ۽ انهن سان پلو رويو شروع ڪيو آهي.

ان ڪري اعلان ڪيل پروگرام موجب ۳۰ جنوري بروز آڱارو، عشاء جي نماز ڪانپوءِ مسجد آزاد وِل ۾ بيان مقررهو، حضرت والا دامت برڪاتهم تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ مخلوقِ خدا تي رحم ڪرڻ ۽ ان کي تڪليف نه ڏين ۽ پنهنجي زالن سان پلو رويو برتڻ تي بيان فرمايو جيڪو "اِنَّ مِنَ الْبَيَانِ لَسِحْرًا" يعني اثر ۾ جادو وانگر هو ۽ بيان اهڙو اثر وارو ۽ درد وارو هو، جو عوام ۽ خواص سڀني جون اکيون آليون هيون. عجيب منظر هو جو حضرتِ اقدس جي زبانِ عشق، درد ۾ ٻُڏل ڳالهيون ۽ روئندڙ اکيون ماڻهن کي تڙپائي رهيون هيون.

۽ ائين پئي لڳو جڻ ته دلين جي ڌرتي، سخت اُج ۾، هدايت جي پاڻيءَ کي پي رهي آهي ـ

اُف کلیجے منہ کو آتے ہیں تِری آواز سے
کس قیامت کی تڑپ اُف تیرے افسانے میں ہے (جامع)

قال تو پیدا شود از حال تو
حال تو شاہد بود بر قال تو (جامع)

۽ ائين پيو لڳي جڻ تہ ڳجهہ جي جهاَن مان لفظن ۽ معنائن جي مُهر لڳل پيالن سان گڏ مضامين لهي رهيا آهن. ـــ

**جنت کی مے پیئے ہوئے ساقی تھا مستِ جام**

**ساغر تھا، دورِ مے تھا، مقابل میں ہم بھی تھے** (جامع)

۽ احقر جامع کي ان مهل حضرت والا جا هي شعرَ ياد اچي رهيا هئا جيڪي حضرت والاؒ اهلِ دل ۽ اهلِ عشق لاءِ فرمايا آهن. ـــ

درِ رازِ شریعت کھولتی ہے
زبانِ عشق جب بولتی ہے
خرد ہے محوِ حیرت اُس زباں سے
بیاں کرتی ہے جو آہ و فغاں سے
جو لفظوں سے ہوئے ظاہر معانی
وہ پاسکتے نہیں دردِ نہانی
لغت تعبیر کرتی ہے معانی
محبت دل کی کہتی ہے کہانی
کہاں پاؤ گے صدرا بازغہ میں
نہاں جو غم ہے دل کے حاشیہ میں
مگر دولت یہ ملتی ہے کہاں سے
بتاؤں میں ملے گی یہ جہاں سے

## يہ ملتی ہے خدا کے عاشقوں سے
## دعاؤں سے اور انکی صحبتوں سے

ٻئي ڏينهن، ڪيترن ئي دوستن ٻڌايو ته حضرت والا جي وعظ مان اسان تي اها ڳالهه ظاهر ٿي ته اسين پنهنجي زالن جي باري ۾ ظالمَ هئاسين، ان ڪري گهر پهچندي ئي اسان پنهنجي زالن کان معافي ورتي ۽ عهد ڪيو ته انهن تي ڪڏهن به زيادتي نه ڪنداسين.

هڪ دارالعلوم جي مهتمم صاحبَ فون تي حضرت والا کي ٻڌايو ته بيان ٻُڌي جڏهن آئون گهر ويس ته مون پنهنجي زال کي چيو ته اڄ تائين تنهنجي حقن ۾ مون کان جيڪي به ڪوتاهيون ٿيون آهن سي، الله لاءِ مون کي معاف ڪر ۽ ڪيسي ۾ پيل سڀ پيسا ان کي ڏنم ۽ عهد ڪيو ته هاڻي هر مهيني ڪجهه پيسا الڳ ڪيسي جي خرچيءَ لاءِ ڏيندو ڪندس، جنهن جو حساب به نه وٺندس.

انهن پڻ فرمايو ته حضرت حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه زال جو هي حق جيڪو فرمايو آهي ته زال کي ڪجهه پيسا هر مهيني ڪيسي جي خرچيءَ لاءِ ضرور ڏيو، جنهن جو اُن کان حساب به نه وٺو، الله تعاليٰ توهان کي جزا خير عطا فرمائي، توهان وڏي اهم ڳالهه ڏانهن اسان کي توجهه ڏياريو آهي، زالن جي حقن بابت اسان کي وڏي سمجهاڻي ملي آهي، الله تعاليٰ استقامت عطا فرمائي (آمين) اهڙيءَ طرح ٻين عالمن سڳورن به اهڙي قسم جا تاثرات ظاهر فرمايا.

ڪجهه عرصي کانپوءِ ان سلسلي ۾ هڪ دلچسپ واقعو به ٻڌڻ ۾ آيو ته هڪ ماڻهو جيڪو پنهنجي زال کي گهڻو ستائيندو هو، هن دفعي

جڏهن هُو ڪنهن ديني سفر تي روانو ٿيڻ لڳو ته پنهنجي زال کي چيائين ته مون اڄ تائين تو تي جيڪو به ظلم ڪيو آهي، ان جي معافي ٿو گهران، منهنجو چيو، اجايو بخش ڪجان.

زال اهو ٻڌي گهٻرائجي ويئي ۽ مهتمم دارالعلوم آزاد وِل (آفريقا) مولانا عبدالحميد صاحب جي گهر واريءَ کي فون ڪري چيو ته اڄ خبر ناهي ڇا ٿيو آهي جو منهنجو گهر وارو مون کان معافي وٺي ويو آهي، جڏهن ته پهرين ڪڏهن به ائين ناهي ٿيو، مون کي ڊپ پيو ٿئي ته ڪٿي انهن کي ڪشف ته نه ٿي ويو آهي ته سندس موت جو وقت ويجهو اچي ويو آهي ۽ هاڻي ڪڏهن به واپس نه ايندو، ان ڪري معافيون وٺي ويو آهي.

ته مهتمم صاحب جي گهر واريءَ اُن عورت کي دِلداري ڏني ته اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي، اسان جي ملڪ ۾ اڄڪلهه هڪ مولانا صاحب آيا آهن جيڪي زالن جا حقَ ٻڌائي رهيا آهن، تنهنجي مڙس به انهن جو بيان ٻڌو هوندو، هي ان جو ئي اثر آهي.

ڪجهه مهينا پهرين مولانا حنيف صاحب ۽ مولانا هارون صاحب ڏکڻ آفريقا مان ڪراچي خانقاه ۾ ڪجهه وقت لاءِ آيا هئا ۽ انهن حضرات ٻڌايو ته حضرت جي بيان سان ڏکڻ آفريقا جي گهڻن دوستن پنهنجي زالن سان ڏاڍو محبت ۽ شفقت وارو رويو برتڻ شروع ڪيو آهي. **فالحمدلله على ذالك**.

هن بيان جي نفعي وارو هجڻ جي ڪري ڪيسٽ مان نقل ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي ۽ هن جي مضمون کي شروع کان آخر تائين حضرت والا پاڻ به پڙهيو آهي ۽ ان جو نالو

حقوق النساء(زالن جا حق) تجويز فرمايو. حق تعاليٰ شانه شرفِ قبول عطا فرمائي ۽ امتِ مسلمه لاءِ نفعو ڏيندڙ بنائي ۽ حضرت مؤلّف دامت برکاتهم ۽ مرتّب و معاونين لاءِ صدقه جاريه ۽ آخرت جو ذخيرو بنائي .

آمين يا ربّ العالمين بحرمة سيد المرسلين عليه الصّلوٰة والتّسليم.

جامع و مرتب:
حضرتِ اقدس مولانا شاه حکيم محمّد اختر صاحب
دامت فيوضهم جو هڪ خادم (سيد عشرت جميل مير صاحب)

...*...

جفائیں سہہ کر دُعائیں دینا یہی تھا مجبور دل کا شیوہ
زمانہ گزرا اسی طرح سے تمہارے در پر دلِ حزیں کا
نہیں خبر تھی مجھے یہ اخترؔ کہ رنگ لائے گا خوں ہمارا
جو چپ رہے گی زبانِ خنجر لہو پکارے گا آستیں کا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# حقوق النساءِ (زالن جا حق)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ كَفٰى وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى اَمَّا بَعۡدُ:

فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ. بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ.

﴿وَعَاشِرُوۡهُنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ﴾ وَقَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ:

”اَلۡمَرۡأَةُ كَالضِّلۡعِ اِنۡ اَقَمۡتَهَا كَسَرۡتَهَا وَاِنِ اسۡتَمۡتَعۡتَ بِهَا اِسۡتَمۡتَعۡتَ بِهَا

وَفِيۡهَا عِوَجٌ“ (بخاری: ص ۷۷۹، ج ۲)

معزز حاضرين ۽ علماءِ ڪرام ۽ طلباءِ ڪرام ۽ محترم سامعين حضرات! آئون ڪوشش ڪندس تہ آسان اردوءَ ۾ توهان جي سامهون پنهنجي ڳالهہ پيش ڪريان ۽ مون کي اميد آهي تہ توهان اردو سمجهي ويندا، ان شاء الله تعاليٰ.

هن وقت آئون هڪ نهايت ئي اهم مضمون پيش ڪري رهيو آهيان جنهن ۾ اسان کان تمام گهڻيون ڪوتاهيون ٿينديون رهن ٿيون، چاهي پير هجي، عالم هجي، واپاري هجي يا جاهل هجي. هي مضمون جيڪو آئون پيش ڪندس، هر طبقي لاءِ گهڻو ضروري مضمون آهي ۽ اهو مضمون ڇا آهي؟

”الله تعاليٰ جي مخلوق سان سٺي اخلاق سان پيش اچڻ“

حضرت علامہ بدرالدين عيني رحمة الله عليه جنهن بخاري شريف جي شرح ”عمدة القاری“ لکي آهي، حضرت خواجہ حسن بصري رحمة الله عليه جن جو قول

ابـرار جي تفسيـر ۾ نقل فـرمـائين ٿـا. هي حضـرت خواجه حسن بصـري رحمة الله عليه تـابعي آهي جنهن هڪ سؤ ويهه صحـابه رضي الله عنهم جي زيـارت ڪئي.

محـدِّثين رحمهم الله لکن ٿـا:

"اِنَّ الْحَسَنَ الْبَصَرِيَّ قَدْرَاٰى مِائَةً وَّعِشْرِيْنَ صَحَابِيًّا"

هڪ سؤ ويهه صحـابه رضي الله عنهم سـان مـلاقـات ڪـرڻ وارو هي تـابعي خواجه حسن بصـري رحمة الله عليه جـڏهن پيـدا ٿيـا هئـا ته خليفه راشـد حضـرت عـمـرفـاروق رضي الله عنه انهن جي سنتِ تحنيڪ ادا فـرمـائي هئي ۽ سنتِ تحنيڪ ڇـا آهي؟ جـڏهن ٻـارُ پيـدا ٿئي ته خـانـدان جو ڪو نيڪ مـاڻهو مـاڪي يـاکجي کـائي ان جي ٿورڙي پِڪَ ٻـار جي واتَ ۾ وجهي ڇـڏي. انهيءَ سنت جو نـالو سنتِ تحنيڪ آهي، اهـا سنتِ تحنيڪ خليفته الـمسلـمين اميـر الـمؤ منين حضـرت عـمـرفـاروق رضي الله عنه ادافـرمـائي.

صحـابه رضي الله عنهم مـان سڀ کـان پهـرين جنهن کي اميـر الـمؤ منين جو لقب مليو، اهي حضـرت عـمـرفـاروق رضي الله عنه آهن. جن جي اسـلام آڻڻ تي آسـمـانن ۾ خوشيون ملهـائيون ويون ۽ هي شـرف عطـا ٿيو، ته حضـرت جبـرائيل عليه السلام نـازل ٿيـا ۽ فـرمـايو:

"يَا مُحَمَّدُ صلى الله عليه وسلم! اِسْتَبْشَرَ اَهْلُ السَّمَآءِ بِاِسْلَامِ عُمَرَ" (ابن ماجه: ص١١)

اڄ عـمـر جي اسـلام آڻڻ تي فـرشتـا آسـمـانن تي خوشيون ملهـائي رهيـا آهن. توهـان غور ڪـريو ته ڇـا مـرتبو هو انهن هستين جو، جن جي اسـلام آڻڻ سـان، ڪلـمي پڙهڻ سـان فـرشتن آسـمـانن تي خوشيون ملهـائيون ۽ حضـرت جبـرئيل عليه السلام ان وقت هڪ آيت کڻي نـازل ٿيـا، اهـا آيت

چاهئي؟

﴿يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ﴾

(سورة الانفال: آيت ٦٣، پ ١)

اي نبي توهان جي لاءِ اللّٰه ئي ڪافي آهي ۽ توهان جا هي ايمان وارا تابعدار ۽ غلام به توهان لاءِ ڪافي آهن.

اُن ڪان پهرين هيءَ آيت نازل نه ٿي، جيستوڻيڪ چاليهه ماڻهو ايمان آڻي چڪا هئا. پر هيءَ آيت تڏهن نازل ٿي آهي جڏهن حضرت عمرفاروق رضي الله عنه ايمان آندو آهي. هن آيت جو شانِ نزول ئي حضرت عمرفاروق رضي الله عنه آهن يعني انهن جو اسلام آڻڻ هن آيت جي نازل ٿيڻ جو سبب بنيو آهي. اي نبي، اللّٰه توهان لاءِ ڪافي آهي ۽ عمر رضي الله عنه جهڙو طاقتور ۽ بهادر صحابي توهان کي ڏنو پيو وڃي، اهڙا تابعدار مومن به توهان لاءِ ڪافي آهن.

هن آيت جي تفسير ۾ حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه فرمائين ٿا:

﴿يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ﴾ کي ڇو ملايو ويو مطلب ته اللّٰه تعاليٰ جي ڪفايت هوندي، ايمان وارن جي ڪافي هجڻ جو ذڪر ڇو ڪيو ويو. جنهن جي لاءِ اللّٰه ڪافي ٿي وڃي ته پوءِ اللّٰه جي ڪافي هجڻ جي هوندي، مومنن جي ڪفايت جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

اصل ۾ حضرت عمرفاروق رضي الله عنه جو شان ڏيکارڻو هو ته انهن جي اينڌي ئي خانه ڪعبه ۾ بانگ ڏني ويئي ۽ جماعت سان نماز ادا

ڪئي ويئي.سندن ايمان آڻيندي ئي صحابہ رضي الله عنهم تڪبيرجو نعروهنيو جنهن جوآواز خانہ ڪعبہ تائين پهتو ۽ حضرت عمرفاروق رضي الله عنه پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي عرض ڪيو تہ جڏهن اسين حق تي آهيون تہ پوءِ نماز لِڪي ڇو پڙهون، تنهن ڪري بہ قطارون ٺاهيون ويون، هڪ قطار ۾ سيّدالشهداء حضرت حمزه رضي الله عنه ٿيا ۽ ٻي قطار ۾ حضرت عمر عمرفاروق رضي الله عنه پاڻ ٿيا ۽ وچ ۾ سيّد الانبياء صلي الله عليه وآله وسلم کي رکيو ويو ۽ حضرت عمر رضي الله عنه ٻن قطارن سان گڏ سيّد الانبياء حضور صلي الله عليه وآله وسلم کي وني بيت اللّٰہ ۾ آيا ۽ نماز ادا ڪري، اسلام جو مان مٿانهون ڪيو:

”كَانَ الْإِسْلَامُ قَبْلَ إِسْلَامِ عُمَرَ فِيْ غَايَةِ الْخِفَاءِ وَبَعْدَهُ عَلٰى غَايَةِ الْجِلَاءِ“

اسلام پهرين جيترو لڪيل هو، ان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ اوترو ئي نروار ٿي ويو.

حضرت حڪيم الامت ٿانوي رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ هن آيت ۾ اللّٰہ تعاليٰ پنهنجي ڪفايت سان گڏ ايمان وارن جي ڪفايت کي ان ڪري ذڪر فرمايو، جو ڪفايت جا ٻہ قسمَ آهن.

هڪ حقيقي ڪفايت آهي تہ اصل ۾ تہ اللّٰہ ئي بندي لاءِ ڪافي آهي، پر هڪڙي ڪفايت ظاهري بہ هوندي آهي، فوج ۽ لشڪر جي طاقت بہ هوندي آهي، جيئن ظاهري طرح بہ دشمنن تي رعب ڄمي وڃي، طواف ۾ هي رمل ڇو آهي تہ ڊوڙي هلو ؟ ڪافرن تي رعب ڄمائڻ لاءِ آهي.

تہ اللہ تعالیٰ فرمايو: اي منهنجا نبي ﷺ ! اصل ڪافي تہ توهان لاءِ آئون ئي آهيان پر حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جهڙا بهادر ساٿي ۽ ٻيا جان گهورينڊڙ صحابہ رضي الله عنهم توهان کي ان ڪري ڏيون جيئن دشمنن تي توهانجو رعب ڄمي وڃي. ان مان خبر پئي تہ ظاهري سبب بہ نعمت آهن. پنهنجي دوستن جي تعداد تي خدا جو شڪر ادا ڪريو.

جيڪڏهن توهان مهتمِمَ آهيو، ڪنهن اداري جا سنڀاليندڙَ آهيو ۽ اللہ تعالیٰ توهان کي ديني خدمت ۾ مدد ڪرڻ وارا عطا ڪري تہ توهان اللہ تعالیٰ جو شڪر ادا ڪريو، ڇو جو اها شي ۽ ظاهري ڪفايت آهي جيڪا نعمت آهي، حقيقي ڪفايت ڪرڻ وارو تہ اللہ ئي آهي. اللہ ئي پنهنجي بندي لاءِ ڪافي آهي، پر ظاهري سبب بہ هڪ نعمت آهن، تنهن ڪري حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کان پوءِ اسلام کي ڪيتري ترقي ٿي.

تہ حضرت خواجہ حسن بصري رحمة الله عليه جي تحنيڪ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه فرمائي هئي، ڪيترو خوش نصيب ٻار آهي هي، جو امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه جي وات مبارڪ جي پڪَ ان جي سيني ۾ لهي ويئي ۽ ڇا شانُ هوندو ان جي علم ۽ فضل جو ۽ حضرت خواجہ حسن بصري رحمة الله عليه جي ماءُ اُمّ المؤمنين حضرت اِمّ سلمہ رضي الله عنها وٽ نوڪري ڪندي هئي. گهر جا ٿانوَ ٻُهاري ڪندي هئي ۽ بازار مان شي ۽ شڪل وٺي ايندي هئي.

سبحان اللہ ! ڪيڏو نہ برڪتن وارو آهي هي ٻارُ جنهن جي امڙ کي خاندانِ نبوت ۾، نبي ﷺ جي گهراڻي ۾ نوڪري ملي ويئي.

حضرت خواجہ حسن بصريؒ جڏهن روئڻ لڳندا هئا ۽ سندن امڙ ڪنهن ڪم سان ويل هوندي هئي تہ حضرت اُمّ سلمہؓ پنهنجو کير کين پيارينــدي هئي.

محـدّثين لکيو آهي: تہ حضرت ام سلمہؓ ائين ئي وندرائڻ لاءِ پنهنجي ڇاتي سندن وات ۾ ڏيئي ڇڏيندي هئي، جنهن سان ٻار وندرجي ويندو هو، يا تہ ڪرامتي طرح سان کير نڪري ايندو هو. خواجہ حسن بصريؒ جو تفسير ابرار اڳيان اچي رهي آهي.

رسول اللهﷺ جن فرمائين ٿا:

”اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ“ (بخاری:ص٦، ج١)

ڪامل ۽ پڪو مسلمان، الله جو پيارو مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان کان ۽ ان جي هٿ کان ڪنهن مسلمان کي ڪا تڪليف نہ پهچي.

هِتي علامہ بدرالدين عينيؒ هڪ علمي سوال پيدا ڪيو آهي تہ ڇا پير سان مارڻ جي اجازت آهي؟ ڇو تہ حديث شريف ۾ صرف اهو فرمايو ويو آهي تہ: زبان سان تڪليف نہ ڏيو ۽ هٿ سان تڪليف نہ ڏيو. ان جو جواب هي ڏين ٿا تہ جيڪي عضوا تڪليف پهچائڻ ۾ گهڻا استعمال ٿيندا آهن اهي صرف بہ آهن، زبان ۽ هٿ، لت هڻڻ جي نوبت تہ گهٽ ئي ايندي آهي، تہ جڏهن گهڻي استعمال ٿيندڙ عضون کي تڪليف پهچائڻ کان حفاظت جي مَشقَ ٿي ويندي تہ پيرن سان مارڻ جي نوبت تہ گهٽ ئي ايندي آهي، ان کي قابو ڪرڻ تہ ويتر آسان ٿي ويندو.

هڪ ھنـدوءَ حضـرت مولانـا شـاھ ابـرار الحق صـاحبؒ جن کـان پڇيو ھو تہ مسلـمـان اھو آھي جنھن جي تڪليف کـان صـرف مسلـمـان بچيل ھجن، تہ پوءِ ان جو مطلب اھو ٿيو تہ غيـر مسلـمن، ھنـدن ۾ ڪـافـرن کي گھڻو ستـايو وڃي. حضـرتؒ فـرمـايو تہ نہ ! ڇو تہ مسلـمـان جو واسطو گھڻو ڪـري مسلـمـان سـان ئي پونـدو آھي تہ جـڏھن پـاڻ ۾ گھڻو گـڏرھڻ وارا، پنھنجي رھڻي سھڻي ۾ ھڪ ٻئي کي تڪليف نہ ڏينـدا تہ ھنـدن سـان مِلڻ مـلائڻ ۾ ڏي وٺ ڪـرڻ تہ ڪـڏھن ڪـڏھن ٿينـدو آھي.

اُھي تہ مسلـمـانن کـان يقينـاً سـلامتيءَ ۾ رھنـدا، جيئن اُھي بہ ٿـانوَ جيڪي گـڏرھن ٿـا، جـڏھن انھن ۾ ڪِٽ پٽ ڪـانھي تہ پوءِ اھي ٿـانوَن جيڪي پـري رھن ٿـا انھن سـان ڪـئين جھيـڙو ٿينـدو، بـاقي جھـاد واري حـالت الڳ آھي، پـر عـام حـالتن ۾ جيڪـڏھن غيـر مسلـم صلح ڪن يـا مسلـمـانن کي نہ ستـائين تہ اھي پڪَ سـان مسلـمـانن جي زبـان ۾ ھٿ کـان امن ۾ رھنـدا ڇو جو انھن سـان گھڻوواسطو ڪو نہ ٿو پوي، ھي جواب مـرشـد صـاحب ڏنون جيڪو مون کـان نقل فـرمـايـائون.

عـلاّمہ عينيؒ ھڪ ٻيو علـمي سوال پيـدا ڪيو تہ ٻـڌايو ! ڇـا زبـان سـان بہ ڪو تڪليف ڏيئي سگھي ٿو، زبـان ۾ تہ ھـڏي ئي ڪـانھي، گوشت جو ھڪ نـرم ٽُڪـر آھي، زبـان سـان جيڪـڏھن ڪيـر ڪنھن کي مـاري تہ ڇـا ڏڪ لڳنـدو يـا زبـان جي لفظن سـان تڪليف ٿئي ٿي تہ پوءِ حضور ﷺ جن ائين ڇو نہ فـرمـايو: ”**اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ اَلْفَاظِ لِسَانِہٖ**“ مطلب تہ مسلـمـان اھو آھي جنھن جي زبـان جي لفظن سـان مسلـمـان محفوظ رھن.

انهيءَ سوال جو جواب ڇا آهي؟ جواب هي آهي ته ڪنهن وقت، ماڻهو بنا لفظن جي به زبان سان تڪليف ڏيندا آهن. حضور ﷺ جن جي علوم نبوت کي ڪامل درجي جي بلاغت عطا ڪئي ويئي هئي، ان ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن ”مِنۡ اَلۡفَاظِ لِسَانِهٖ“ نه فرمايو جيئن هن حديث ۾ اهي ماڻهو به شامل ٿي وڃن: ”مَنۡ اَخۡرَجَ لِسَانَهٗ اِسۡتِهۡزَاءً“ جيڪي ڪنهن کي چيڙائڻ جي لاءِ چهرا ڏيندا آهن، ان وقت اهو ماڻهو زبان سان ته ڪو به لفظ نه ٿو ڪڍي، صرف زبان چيڙائڻ لاءِ، چهرا ڏيئي ٿورو لوڏي پڇي ويو. گهڻو ڪري ٻارائين ڪندا رهندا آهن.

جڏهن ڏسندا آهن ته ڪُتجي رهيا آهيون ۽ بدلو به نه ٿا وٺي سگهون ته پوءِ چهرا ڏيئي پڇي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وڏا به ائين ڪندا آهن، زبان ڪڍي چهرا ڏيندي چيڙائيندا آهن ۽ ڳالهائيندا ڪجهه به ناهن.

ڏسو، ڪلام نبوت جي ڇا بلاغت آهي.:

”اَلۡمُسۡلِمُ مَنۡ سَلِمَ الۡمُسۡلِمُوۡنَ مِنۡ لِّسَانِهٖ“ فرمايائون . تانته اهي ماڻهو به داخل ٿي وڃن جيڪي صرف زبان سان تڪليف پهچائين ٿا جيتوڻيڪ زبان سان ڪو لفظ نه ٿا ڳالهائين. جيڪڏهن ”مِنۡ اَلۡفَاظِ لِسَانِهٖ“ هجي ها ته زبان سان تڪليف ڏيڻ وارا هن حديث ۾ شامل نه ٿين ها، هي ڪلامِ نبوت جو معجزو آهي.

ته هي عرض ڪري رهيو هيس ته ”ابرار“ ڪير ماڻهو آهن، ڏسو، ٻه ئي قومون آهن هڪ ابرار ٻي فُجّار:

﴿اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِيۡ نَعِيۡمٍ﴾ (سورة الانفطار :آيت ٣٠،پارو ٣٠)

نيڪ ٻانها جنت ۾ عيش ڪندا .

﴿وَإِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ﴾ (سورة انفطار: آيت، ۱۴ پارو ۳۰)

۽ نافرمان ماڻهو جهنم ۾ سڙندا.

تہ اسين ”ابرار“ ڪيئن ٿيون، ڪيئن نيڪن جي ڪاتي ۾ اسان جو نالو لکجي ۽ ”ابرار“ جي معنٰي ڇا آهي؟ خواجہ حسن بصري رحمة الله عليه ”ابرار“ جو تفسير فرمائين ٿا تہ ”ابرار“ اهي ماڻهو آهن.

”اَلَّذِيْنَ لَا يُؤْذُوْنَ الذَّرَّ“ (عمدة القاری: ص، ۱۳۲ ج۱)

جيڪي ماڪوڙين کي نہ ٿا ستائين

”وَلَا يَرْضَوْنَ الشَّرَّ“ (عمدة القاری: ص ۱۳۲ ج۱)

جيڪي نافرمانيءَ تي خوش ناهن ٿيندا

نہ پنهنجي گناهن تي خوش آهن ۽ نہ ٻين جي گناهن تي خوش آهن. الله جي نافرماني ڏسي انهن جي دل غمگين ٿيو وڃي. چاهي پنهنجو گناهہ هجي يا ٻئي ڪنهن کي گناهہ ڪندي ڏسي تہ دل کي ڏک لڳي، اهو دليل آهي، الله سان تعلق جو .

ڪنهن کي پنهنجي پيءُ سان محبت هجي تہ پيءُ جي نافرماني ڪندڙ ڀائرن کي ڏسي غمگين ٿيندو آهي تہ توهان منهنجا ڪهڙا ڀائر آهيو جو بابا کي تڪليف ٿا ڏيو. اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو ربّ کي ناراض ڪري رهيا آهن، انهن جي گناهن کي ڏسي اُن ايمان واري جي دل کي ڏک ٿو لڳي جنهن جي دل ۾ خدا تعالٰي جي محبت هوندي آهي.

منهنجي پهرئين مرشدَ حضرت مولانا شاهه عبدالغني صاحب ڦولپوري رحمة الله عليه فرمايو ته هڪ الله وارو وجي رهيو هو، ڪنهن کي گناهه ڪندي ڏنائون بس جيئن ئي واپس آيا، ايترو ڏک ٿيو جو هلڻ جي طاقت ختم ٿي ويئي، اچي کٽ تي ليٽي پيا، چادر ويڙهي روئڻ شروع ٿي ويا، غمگين ٿي ويا ته هاڻي منهنجي رب جي نافرماني ٿي رهي آهي. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ جڏهن پيشاب ڪرڻ ويا ته پيشاب ۾ رت آيو، ايترو ڏک ٿين، اهي آهن الله وارا ماڻهو. اڄ اسين گناهه ڪري اوڳرائي به ڪو نه ٿا ڏيون، جيتوڻيڪ خانقاهن ۾ الله وارن جي ماحول ۾ آهيون.

سوچيو ته سهي، قيامت جي ڏينهن، جيڪڏهن پڇيو ويو ته الله تعاليٰ تو کي ديني ماحول عطا ڪيو هو، نيڪ ماڻهن جي ماحول ۾ رهندي توهان اهڙيون برائيون ڪندا هئاءُ، سوچيو ۽ پنهنجو محاسبو ڪريو. بس اهو الله تعاليٰ جو حِلم ۽ ڪرم آهي جو اسان کي عذاب ۾ نه ٿو پڪڙي، بردبار ۽ ڪريم آهي جو مهلت ڏيئي رهيو آهي ته من هاڻي توبه ڪري، من هاڻي توبه ڪري.

مفتي اعظم پاڪستان حضرت مفتي محمد شفيع صاحب جن مون کي پنهنجو شعر پاڻ ٻڌايو. الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو اڄ توهان کي جيڪو خطاب ڪري رهيو آهي، الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي ڪرم سان بغيرلائق هجڻ جي، وڏن وڏن بزرگن سان رهڻ جي سعادت بخشي آهي. مفتي صاحب جن پنهنجو هي شعر ٻڌايو ؎

ظالم ابھی ہے فرصتِ توبہ نہ دیر کر
وہ بھی گرا نہیں جو گرا پھر سنبھل گیا

مطلب تہ انسان جڏهن توبہ ڪري تہ الله تعاليٰ وٽ گناهگار جي توبہ، آهہ ۽ وزاري، گريہ زاري ۽ ندامت جي ڳوڙهن جي ڇا قيمت آهي؟ اُها ٻڌو، جڏهن گناهگار ٻانهو پنهنجي گناهن کي ياد ڪري الله جي سامهون روئندو آهي تہ اي خدا مون کان غلطي ٿي ويئي آهي، مون بخش فرماءِ، مون کي معاف فرماءِ، مون کي ذليل نہ ڪر، مون کي سزا نہ ڏي، آئون ڪمزور آهيان، تنهنجي دوزخ جو عذاب آئون نہ ٿو سهي سگهان تہ ان مهل سندس ڳوڙهن جو وزن شهيدن جي رت جي برابر هوندو آهي. ڏسو! جلال الدين رومي رحمۃ الله عليہ جن کي سڄي دنيا جي عالمن مڃيو آهي فرمائين ٿا ؎

**کہ برابر می کند شاہِ مجید**

**اشک را در وزن با خُونِ شهید**

الله تعاليٰ پشيمانيءَ جي ڳوڙهن کي، الله جي خوف مان نڪتل ڳوڙهن کي شهيدن جي رت جي برابر وزن ڪندو آهي.

(احقر سهيڙيندڙ ٿو عرض ڪري تہ انهيءَ ئي مضمون تي صاحبِ وعظ حضرت مرشدي دامت برڪاتهم جا ہہ شعرَ درد سان ڏاڍا ڀريل آهن ۽ پڙهڻ واري کي ائين لڳندو آهي ڄڻ تہ مولانا روميءَ جو ئي ڪلام آهي، اهي اشعار هي آهن ؎

**قطرہ اشکِ ندامت در سجود**

**ہمسری خونِ شہادت می نمود**

**ترجمو:** ندامت جا اُهي ڳوڙها جيڪي سجدي جي حالت ۾ گناهگارن جي اکين مان ڪِرندا آهن، اهي ايترا تہ قيمتي آهن جو الله

جي رحمت انهن کي شهيدن جي رت جي برابر درجو ڏيندي آهي.
جئين ته حديث شريف ۾ آيو آهي:

”لَيْسَ شَيْءٌ اَحَبَّ اِلَى اللهِ مِنْ قَطْرَتَيْنِ وَ اَثَرَيْنِ قَطْرَةِ دُمُوْعٍ مِنْ خَشْيَةِ اللهِ وَقَطْرَةِ دَمٍ يُهْرَاقُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ“ الخ (مشکوٰة: کتاب الجهاد، ص۳۳۳)

مطلب ته الله تعاليٰ وٽ ٻن ڦڙن کان وڌيڪ ڪا به شيءِ محبوب ناهي، هڪ، الله جي خوف جي ڪري اکِ مان نڪرندڙ ڦڙو ۽ ٻيو رت جو ڦڙو جيڪو الله جي راهه ۾ وهيو هجي.

حضرت والا جو ٻيو شعر آهي ؎

هر کجا گرید به سجده عاشقے
آں زمیں باشد حریم آں شہے

**ترجمو:** جتي الله جو ڪو عاشق پانهو سجدي ۾ روئندو آهي ته ان مهل زمين جو اهو ٽڪرو اُن عاشق جي لاءِ حفاظت ڪندڙ الله جي درٻار وٽ ٿيو وڃي. (جامع)

روئي روئي معافي وٺڻ وارن لاءِ علامه آلوسي رحمة الله عليه تفسير روح المعاني پارو نمبر ۳۰ سورت انا انزلنا جي تفسير ۾ هڪ حديثِ قدسي نقل ڪن ٿا.

حديثِ قدسي اها حديث آهي جيڪا زبانِ نبوت مان نڪري، پر نبي چوي ته الله هيئن فرمايو آهي. حضور صلى الله عليه وسلم جن فرمائين ٿا ته: ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جڏهن ڪو ٻانهو روئي روئي معافي گهري ٿو ته اي الله! مون کان وڏا ڏوهه ٿي ويا آهن، مون کي معاف فرماءِ. اي الله! آئون قبر ۾ ڪهڙو منهن کڻي ويندس. قيامت جي ڏينهن تو کي ڪهڙو

منهن ڏيکاريندس، ته هن جو ائين روئڻ الله کي ايترو ته وڻين ٿو جو سندس روئڻ جي هِن آواز کي الله تعاليٰ ماڻهن جي سبحان الله سبحان الله چوڻ کان به وڌيڪ پسند فرمائي ٿو“. هاڻي حديثِ قدسي جا لفظ به ٻڌو.

اهلِ علم حضرات تفسير روح المعاني پارو ٣٠ سورت انا انزلنا جي تفسير ۾ هن حديث کي ڏسن، سرور عالم ﷺ جن فرمائين ٿا ته الله تعاليٰ هي فرمائي ٿو:

”لَاَنِيْنُ الْمُذْنِبِيْنَ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ زَجَلِ الْمُسَبِّحِيْنَ“ (تفسير روح المعانى: ج٣٠ص،١٩٦)

گناهگارن جو روئڻ ڌوئڻ ۽ هائي هائي ڪرڻ مون کي تسبيح پڙهڻ وارن جي سبحان الله سبحان الله جي آواز کان به وڌيڪ وڻندڙ آهي.

۽ باني ديوبند حضرت مولانا قاسم صاحب نانوتوي رحمة الله عليه جن ته هڪ عجيب ڳالھ فرمائيندا هئا جيڪا مون پنهنجي پهرئين مرشدَ حضرت شاھ عبدالغني صاحب ڦولپوري رحمة الله عليه کان ڪيترائي دفعا ٻڌي جيڪي حضرت حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه جي وڏن خليفن مان هئا. ۽ حضرت مولانا اصغر ميان صاحب ديوبندي رحمة الله عليه جي ساٿين مان هئا. هي ٻئي بزرگ يعني منهنجو مرشد شاھ عبدالغني صاحب رحمة الله عليه ۽ مولانا اصغر ميان صاحب ديوبندي رحمة الله عليه جون پور ۾ گڏ پڙهائيندا هئا. انهيءَ ڪري مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد شفيع صاحب رحمة الله عليه، شاھ عبدالغني صاحب رحمة الله عليه کي فرمائيندا هئا ته حضرت! توهان صرف منهنجا پيرڀائي ناهيو، آئون ته توهان کي پنهنجي استاد وانگر سمجهان ٿو،

چو تہ توهان منهنجي استاد مولانا اصغر ميان صاحب ديوبنديءَ سان گڏ پڙهائيندا هئا.

مولانا قاسم صاحب نانوتوي رحمۃ اللہ علیہ جن فرمايو: جنهن ملڪ جو بادشاهہ ڪا شيءِ ٻاهران گهرائيندو آهي تہ ان جي گهڻي عزت ۽ قدر ڪندو آهي، چوتہ اها شيءِ بادشاهہ جي ملڪ ۾ ناهي، تہ مولانا قاسم صاحب نانوتوي رحمۃ اللہ علیہ فرمائيندا هئا تہ الله تعاليٰ جي عظمت ۽ شان واري بارگاهہ ۾ ڪو روئڻ ناهي، ان ڪري اهو ربّ اسان جي ڳوڙهن جو گهڻو قدر ڪندو آهي، چو تہ ڳوڙها تہ گناهہ گار ڳاڙيندا آهن، فرشتن ڪي روئڻ جي ڪهڙي خبر، چو جو انهن وٽ پڇتاءُ تہ آهي ئي ڪو نہ، انهن کي عبادت جو قرب حاصل آهي. پڇتاءَ جو قرب انهن کي حاصل ناهي، پڇتاء جو قرب اسان گناهہ گارن کي حاصل آهي، ان ڪري مولانا شاهہ محمد احمد صاحب رحمۃ اللہ علیہ فرمائين ٿا. ـ

**کبھی طاعتوں کا سرور ہے کبھی اعترافِ قصور ہے**

**ہے مَلک کو جس کی نہیں خبر وہ حضور میرا حضور ہے**

الله وارن کي پڇتاءَ جو جيڪو قرب مليل آهي، فرشتن کي اها نعمت حاصل ناهي، چو تہ انهن کان گناهہ ٿين ئي نٿا، انهن ويچارن کي ڪهڙي خبر پڇتاءَ جي، هر وقت سبحان الله پيا پڙهن، اهي تہ پاڪ مخلوق آهن. ان ڪري الله تعاليٰ هڪ اهڙي مخلوق پيدا ڪئي جنهن جي پڇتاءَ کي ڏنو وڃي.

مطلب تہ الله جا ڪجهہ ٻانها، گناهن کان بچڻ جي پڪي ارادي جي باوجود پنهنجي انساني ڪمزورين کان مغلوب ٿي گناهہ ڪري

وينــدا آهن، پوءِ هن غـم سـان پنهنجي دل کي رت ڪـري ڇـڏينـدا آهن ته هـائي ! اسـان ته پنهنجي الله کي نـاراض ڪـري ڇـڏيو، ائين پنهنجي دل کي رت ڪـري، پڇتـاءَ ۾ اوڇگـارون ڏيئي، معـافي پني اسـان کي راضي ڪنـدا ۽ اسين ڪين ان پڇتـاءَ جي صـدقي پنهنجو قـرب عطـا ڪنـدا سين.

عـلامه آلوسي سيـد محـمود بغـدادي رحمة الله عليه تفسيـر روح الـمعـاني ۾ حضـرت سلطـان ابـراهيـم بن ادهـم رحمة الله عليه جو واقعو لکن ٿـا . پـلا دنيـا جي بـادشـاهن جو ذڪـر ڪـڏهن تفسيـر ۾ اچي سگهي ٿو ؟ هي اهو بـادشـاهه آهي جنهن بلخ (ملڪَ) جي بـادشـاهي الله جي نـالي تي لُٽـائي ڇـڏي ته اڄ تفسيـرن ۾ انهن جو ذڪـر اچي رهيو آهي. بـادشـاهي ڏيئي، الله تي گهورجي ويو ته ــ

### اب میرا نام بھی آئے گا تیرے نام کے ساتھ

ڏسوسيپـارونـمبـر۴ سورة آل عـمـران، آيت ۱۵۵ (روح الـمعـاني: ص۱۰۴)

﴿اِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا﴾ جي تفسيـر ۾ عـلامه آلوسيءَ انهن جو ذڪـر ڪيو آهي. مطلب ته شيطـان توهـان کي ڪـڏهن ٿو ٿڪـائي؟ توهـان تي ڪـڏهن ٿو قـدرت حـاصل ڪـري؟ جـڏهن توهـان گنـاهه ڪنـدا آهيو. ﴿بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا﴾ مـان خبـر پئي ته هڪ گنـاهه مـان ٻيو گنـاهه پيـدا ٿينـدو آهي. جيئن هڪـڙي نيڪـيءَ مـان ٻي نيڪـيءَ جي توفيق ملنـدي آهي. جـڏهن ڪو ٻـانهو گنـاهه ڪنـدو آهي، بـراڪـمَ ڪنـدو آهي ته ان جي د ل ۾ اونـداهه پيـدا ٿي پونـدي آهي، پوءِ شيطـان اُن اونـداهه ۾ پنهنجو قبضو جـمـائي ٿو، نه ته شيطـان ۾ ڪـا طـاقت نـاهي جو هو ڪنهن ايـمـان واري جي دل تي قبضو ڪـري.

"لَا مَجَالَ لَهٗ عَلٰى اِبْنِ آدَمَ بِالْوَسْوَسَةِ اِلَّا اِذَا وَجَدَ ظُلْمَةً فِي الْقَلْبِ"

شيطان کي ڪا مجال ئي نا هي جو انسانن جي دلين تي قبضا ڪري پر جڏهن ڪنهن جي دل ۾ اونداهه ڏسندو آهي ته پوءِ چمڙي وانگر اچي ٿو ۽ گناهن تي اُياري ٿو، پر جڏهن ٻانهو پڇتاءَ سان توبه ڪري ڇڏي ته پوءِ پڇتاءَ جي نُور سان دل وري روشن ٿيو وڃي ۽ شيطان ڀڄيو وڃي. جيڪو شيطان کي ڀڄائڻ چاهي بس اهو جلدي جلدي توبه ڪري، دير نه ڪري ، نه ته شيطان ان جي دل کي پنهنجو اڏو ۽ مرڪز ٺائي ڇڏيندو.

هن آيت جي تفسير ۾ سلطان ابراهيم بن ادهم ﷫ جو واقعو لکيل آهي. ته هي بزرگ طواف ڪري رهيا هئا ۽ الله تعاليٰ کان هيءَ درخواست ڪري رهيا هئا ته اي الله! مون کي پاڪدامني عطا فرماءِ،مطلب ته اي الله! مون کي اهڙو بناءِ جو مون کان ڪڏهن به ڪو گناهه نه ٿئي، معصوم ٿي وڃان، ته دل ۾ آواز آيو: اي ابراهيم ابن ادهم !

"كُلُّ عِبَادِهٖ يَسْئَلُوْنَهُ الْعِصْمَةَ"

سڀ ماڻهو الله کان، گناهن کان معصوم ٿي وڃڻ جي درخواست ڪن ٿا، جيڪڏهن الله تعاليٰ سڀني کي معصوم ڪري ڇڏي.

"عَلٰى مَنْ يَّتَكَرَّمُ وَ عَلٰى مَنْ يَّتَفَضَّلُ"

ته پوءِ خدا ڪنهن تي ڪرم ڪندو ۽ ڪنهن تي مهرباني ڪندو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو، پاڪ فرشتا بڻجي ويا ته پوءِ الله ڪنهن کي معاف ڪندو، ان جي بخشش ڪنهن تي ظاهر ٿيندي.

امام غزالي ﷫ جي استاد علاّمه اسفرائيني ﷫ جو قول مُلاّ

علي قاري رحمه الله **مشڪوٰة** جي شرح ۾ لکيو آهي ته انهن ٽيهن سالن تائين درخواست ڪئي ته يا الله مون کي معصوم ڪر، مون کان ڪڏهن به ڪا غلطي نه ٿئي، ڪا خطا نه ٿئي، ٽيهن سالن ڪانپوءِ دل ۾ خيال آيو ته الله تعاليٰ ايڏو ڪريم آهي پر منهنجي ٽيهن سالن واري دعا قبول نه ٿي، فورن دل ۾ آواز آيو ته اسفرايئني ! تون معصوم بڻجڻ چاهين ٿو پر معصوميت جو مقصد ڇا آهي؟ اهوئي نه ، ته تون منهنجو محبوب بڻجي وڃين، جڏهن مقصد اهوئي آهي ته پوءِ مون محبوب بڻائڻ جون ٻه دريون کولي ڇڏيون آهن. تون معصوميت ۽ تقويٰ واري دريءَ سان ئي ڇو چنبڙيو پيو آهين، ڇا تون اسان جي هيءَ آيت تلاوت نه ٿو ڪرين.

﴿اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ﴾ (سورة بقره: آيت ٢٢٢، پارو نمبر، ٢)

الله تعاليٰ توبه ڪرڻ وارن کي به ته محبوب بڻائيندو آهي.

ته جڏهن اسان هڪ ٻي دري توبه جي به کولي ڇڏي آهي ته پوءِ انهيءَ دريءَ کان ڇو نه ٿو اچين، جيڪڏهن خطا ٿي وڃي ته پوءِ توبه ڪري مون کي راضي ڪر، جيڪو سچيءَ دل سان توبه ڪري ٿو ۽ پڪو ارادو ٿو ڪري ته اي الله ! آئون هاڻي وري گناهه نه ڪندس، جان ڏيئي ڇڏيندس پر توکي ناراض نه ڪندس.

جيڪڏهن اڳتي هلي گهڻي ڪوشش جي باوجود توبه ٽٽي وڃي ته وري پڇتاء سان توبه ڪري، عاجزيءَ سان اوڇگارون ڏيئي روئي ۽ وري گناهه نه ڪرڻ جو ارادو ڪري ته حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته اهڙو ماڻهو گناهن تي ضد ڪرڻ وارو ناهي پلي ڏينهن ۾ ستر ڀيرا ان جي توبه ٽُٽي، ان ڪري توبه ڪرڻ وارن کي مايوس نه ٿيڻ کپي. غالب چيو هو ؎

کعبہ کس منہ سے جاؤ گے غالبؔ
شرم تم کو مگر نہیں آتی

الہٰ آباد جا اهي بزرگ جن جي خدمت ۾ مُصَنَّف عبدالرزاق تي عربي حاشيو لکڻ وارا حضرت مولانا حبيب الرحمٰن اعظمي ۽ مولانا علي ميان ندويؒ جهڙا علماءَ ويندا هئا ۽ منهنجو مرشد حضرت مولانا شاه ابرار الحق صاحبؒ به ويندو هيو.

اهي بزرگ هئا حضرت مولانا محمد احمد صاحبؒ، اهي فرمائيندا هئا ته غالب، امت کي مايوس ڪري ڇڏيو، هن شعر کي پڙهي الله جا ڪي گناهه گار ٻانها شرم جي ڪري خانه ڪعبه ڏانهن وڃڻ ئي ڇڏي ڏيندا ته اسان جو منهن انهيءَ قابل ڪٿي آهي جو ڪٿي ڪعبي شريف وڃون، اسين ته گناهن ۾ لت پت آهيون.

ان ڪري هن شعر جي اِصلاح شرعاً واجب هئي ۽ فرمايائون ته مون ان جي اصلاح ڪري ڇڏي آهي. ٻڌو ! توهان سڀني کي عرض آهي ته هڪ الله واري جي ڳالهه غور سان ٻڌو ۽ فيصلو ڪريو ته هڪ دنيا جي شاعرَ ۽ هڪ اللهٰ واري جي شعر ۾ ڪيترو زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. فرمايائون ته ؎

میں کعبہ اسی مُنہ سے جاؤں گا
شرم کو خاک میں ملاؤں گا
ان کو رو رو کے میں مناؤں گا
اپنی بگڑی کو یوں بناؤں گا

توهان پاڻ ٻڌايو ته مڇيءَ کي ڪُنديءَ سان ڏهه ڀيرا پاڻيءَ مان ڪڍو ۽ هر ڀيري پڇوس ته ڇا پاڻيءَ ۾ ويندي تو کي شرم نه ٿو اچي، تون ڏهه ڀيرا بيوقوفي ڪري چڪي آهين، ڏهه ڀيرا پاڻيءَ مان ٻاهر آئي آهين ته هوءَ چوندي، ڀلي هزار ڀيرا بيوقوفي ڪريان پر پاڻي ته منهنجي زندگيءَ جو بنياد آهي.

دوستو ! الله تعاليٰ جي رحمت جي هَنجَ ايمان واري جي زندگي آهي. اسين ڪيستائين انهن کان پڇندا سين، ڀلي شيطان اسان کان هڪ لک گناهه ڪرائي، تڏهن به اسين توبه ڪري، روئي رڙي سجدي ۾ اوچگارون ڏيئي انهن کي راضي ڪندا اسين. ان ڪري اسان جي خواجه عزيز الحسن صاحب مجذوب رحمة الله عليه فرمايو ؎

جو ناکام ہوتا رہے عمر بھر بھی
بہرحال کوشش تو عاشق نہ چھوڑے
یہ رشتہ محبت کا قائم ہی رکھے
جو سو بار ٹوٹے تو سو بار جوڑے

توبه ٽُٽي پوندي آهي ته ماڻهو مايوس ٿي ويندو آهي ته منهنجي توبه ته بيڪار ٿي ويئي، اري بيڪار ڪانهي ٿي، وري توبه ڪر انهيءَ مالڪَ سان ٽُٽل ناطي کي وري جوڙ. فرمائين ٿا ؎

یہ رشتہ محبت کا قائم ہی رکھے
جو سو بار ٹوٹے تو سو بار جوڑے

ڪوشش تہ اھا ڪريو تہ نہ ٿُئي، گناھن کان بچڻ ۾ جان جي بازي لڳائي ڇڏ، پر تڏھن بہ جيڪر توبہ ھر ھر ٽُٽي پوي تڏھن بہ مايوس نہ ٿي، ھو ھر توبہ ڪر. توبہ جي قبوليت لاءِ ايترو ئي ڪافي آھي تہ اُن گناھ کان جدا ٿي وڃجي. دل ۾ پڇتاءَ ھجي ۽ پڪو ارادو ھجي تہ ھاڻي ڪڏھن بہ گناھ نہ ڪندس مطلب تہ گناھ ڪرڻ جو دل ۾ ارادو نہ ھجي تہ پوءِ اھڙي توبہ الله تعاليٰ وٽ مقبول آھي.

ان ڪري ڪڏھن بہ مايوس نہ ٿيو، خطا ٿي وڃي تہ روئڻ ۽ رڙڻ شروع ڪريو، الله کان سواءِ ٻيو ڪير آھي جيڪو معاف ڪري. ان جي در کانسواءِ ٻيو ڪھڙو در آھي جتي وڃجي. ان ڪري سڄي عمر ڪوشش ڪرڻي آھي، ان کي راضي ڪرڻ لاءِ مري مري جيئڻ آھي. ؎

**تمام عمر تڑپتا ہے موجِ مضطر کو**
**کہ اس کا رقص پسند آگیا سمندر کو**

بزرگن سان مشورو ڪريو، الله وارن جي صحبت ۾ ويھو ۽ ايمان ويقين ٺاھيو. موت جو مراقبو ڪريو، قيامت ۽ دوزخ جو مراقبو ڪريو. الله وارن کان، گناھن کان بچڻ جا طريقا پڇو، انھن وٽ رھو ۽ گناھن جي ماحول ۽ سببن کان گھڻو پري رھو، نہ تہ ماڻھو گناھن ڏانھن ڇڪجيو وڃي، جئين ڪنھن ٻليءَ کي ڏھ حج ڪرائيو، پر ان کان پوءِ ڪيس ھڪ ڪوئو ڏيکاريو تہ اُن ٻليءَ جي مُڇن تي تاءُ اچي ويندو آھي، ان کان پوءِ ھوءَ غرغر غرغر ڪرڻ شروع ڪريو ڏي. اھڙي طرح نفس بہ ٻليءَ وانگر آھي، جيڪڏھن گناھ کان بچڻو آھي تہ پوءِ گناھ جي سببن کان

پري رهو، نہ تہ نفس، بلڪ وانگر گناهہ ڏانهن تُپَ ڏيئي هليو ويندو، جيڪو ماڻهو پاڻ کي گناهن جي سببن جي ويجهو ڪري ٿو ڇڻ تہ الله جي لعنت ۾ ڪاوڙ ۾ گرفتار ٿيڻ لاءِ پاڻ کي پيش ڪري ٿو. حق تعاليٰ جو فرمان آهي:

﴿تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا﴾ (سورہ بقرہ:آيت، ۱۸۷ پارو نمبر ۲)

هي الله جون حدون آهن، انهن جي ويجهو بہ نہ وڃجو.

ان ڳالهہ جو خيال رکو تہ ڪير بہ ماڻهو پاڻ وٽ ڪا ننڍي عمر جي نوڪرياڻي نہ رکي، اڄڪلهہ هتي (ڏکڻ آفريقا ۾) جيڪي غريب جهوپڙين ۾ رهن ٿا، مسلمان تہ ملن نہ ٿا پوءِ نوڪرياڻي ڪري رکڻ لاءِ هي عيسائي ڇوڪريون مليو وڃن، پندرهن، ويهن سالن جي ڇوڪريءَ کي نوڪرياڻي ڪري رکيو ڇڏين ۽ ان کان ڪپڙا پيا ڌئارين ۽ ڏينهن رات هر هر ان تي نظر پئجي رهي آهي، وري ڇون ٿا تہ هي تہ ڪاري آهي بد شڪل آهي، ڪهڙي بہ هجي، ياد رکو ان ۾ خطرو آهي.

چڱي طرح غور سان ٻڌو تہ ٻلي ڪيتري بہ پوڙهي ڇو نہ ٿي وڃي، هلڻ ۾ ڏکي رهي هجي، پر ڪو ئو ڏسي ان جو دماغ خراب ٿي ويندو آهي. ان ڪري بزرگن فرمايو آهي. ؎

بھروسہ کچھ نہیں اس نفسِ امّارہ کا اے زاہد
فرشتہ بھی یہ ہو جائے تو اس سے بدگماں رہنا

نفس جيڪڏهن فرشتو بہ ٿي وڃي، گهڻا تهجد پڙهي پر توهان ڪڏهن بہ عورتن ۽ ڇوڪرن جي ويجهو نہ وڃو، انهن کان بچو. ان ڪري آئون چوندو آهيان تہ خريدڻ ۽ وڪڻڻ ۾، گهر ۾، بازارن ۾،

آفيسن ۾ انهن کان بچو. خاص ڪري جڏهن عمرو ڪري واپس ٿا اچو ته هوائي جهاز ۾ ايئر هوسٽس سان آپا آپا ڪري نه ڳالهايو، ڪي ماڻهو چوندا آهن ته آپا چوڻ سان ڪجهه خدمت ڪندي ۽ بوتل پيارينديءَ، پر آئون چوان ٿو ته توهان صبر ڪريو. جسم کي ٿوري تڪليف ڏيو، پر ڪڏهن به اک کڻي ان سان نه ڳالهايو. نظر جي حفاظت ڪريو نه ته عمري جو سڄو نور ئي نڪري ويندو.

جيڪڏهن حڪومت اعلان ڪري ته ٽن ڏينهن تائين پاڻي نه ايندو. مثال ڪان توهان ٽانڪيءَ ۾ پاڻي ڀرڻ شروع ڪيو پر هيٺان کان نلڪي کليل آهي، سڄي رات توهان پاڻي ڀريو پر صبح جو ڏٺو ته سڄو پاڻي ڇت تي پيو آهي ۽ ٽانڪي ۾ ڪجهه به نه آهي. اهڙيءَ طرح اسين حج ۽ عمرو، ذڪر ۽ تلاوت ته گهڻو ڪريون ٿا پر پنجن حواسن جون جيڪي پنج ٽوٽيون اسان ۾ آهن، انهن کي کولي ٿا ڇڏيون، ڪَنَ جي ٽوٽيءَ سان گانا ٻڌي ڇڏيا يا گلا ٻڌي ڇڏي، اک جي ٽُوٽِيءَ سان نامحرم عورتن کي ڏسي ورتو، زبان جي ٽُوٽِيءَ سان گلا ڪري ڇڏي، ڪوڙ ڳالهائي ڇڏيو، اهڙي طرح عبادتن جو سڄو نور انهن ٽُوٽين مان نڪري وڃي. ان ڪري ته الله جي نالي جي مِناڻِ اسان کي نه ٿي ملي، اسان جو نور ڪامل ئي نه ٿو ٿئي. ﴿رَبَّنَآ اَتۡمِمۡ لَنَا نُوۡرَنَا﴾ واري دعا مان نور جي مڪمل هجڻ جي نعمت جي خبر پوي ٿي.

مولانا روميؒ فرمائين ٿا ته جيڪي ماڻهو گناهه نه ٿا ڇڏين، انهن جي ذڪر، تهجد ۽ مڙني عبادتن جو مثال ائين آهي جيئن رات جو ڪنهن گهر ۾ چور گهڙي آيو، مالدار ماڻهوءَ کي خبر پئجي ويئي ته منهنجي گهر ۾ چور آيو آهي. پهرين زماني ۾ پٿر کي رڳڙي ڪري

روشني ڪندا هئا انهيءَ پٿر جو نالو ”چقماق“ آهي. تہ گهر جي مالڪَ پٿر کي رڳڙي روشني ڪرڻ چاهي، جيئن آئون چور کي سڃاڻي وٺان پر چور بہ وڏو ڪو هوشيار هو، هو مال کڻي ٿيلهي ۾ وجهندو بہ رهيو ۽ پٿر کي بہ ڏسندو رهيو، جيئن ئي پٿر کي گهڻ مهل ان مان چِڻگَ نڪري تہ ان تي آڱر رکي وسايو ڇڏي، آخرڪار اونداهہ ۾ تسليءَ سان چوري ڪري، سڀ سامان کڻي هليو ويو، بلڪل اهڙيءَ طرح، شيطان بہ اسان جي نيڪين جي نور تي گناهہ ڪرائڻ جي آڱر رکي، اسان جي نيڪين جو سڄو سامان چوري ڪري وٺندو آهي.

مولانا رومي رحمة الله عليه فرمائين ٿا تہ جيترو بني ڪاهڻ، ڪٽڪ پوکڻ ۽ اَن گڏ ڪرڻ ضروري آهي اوتروئي چورن کان هوشيار رهڻ بہ ضروري آهي. نہ تہ سڄو اَنُ کڻي هليا ويندا. ان ڪري اسان جا وڏا قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ تقويٰ جو اهتمام سيکاريندا آهن، عبادت ڀلي ٿوري هجي پر جيڪڏهن متقي (گناهن کان بچڻ وارو) آهي تہ ولي الله ٿي ويندو، نفل ڀلي گهٽا نہ پڙهي، سڄي رات تهجد نہ ٿو پڙهي، عشاءَ جو فرض پڙهي سمهيو ٿو رهي ۽ صبح جو فجر جي نماز جماعت سان ٿو پڙهي، ڪجهہ تلاوت ڪري ٿو، ڪجهہ ذڪر ڪري ٿو، پر گناهہ هڪ بہ نہ ٿو ڪري، گناهن کان بچي ٿو، هر وقت نفس جي نگراني ڪري ٿو .

اهو ماڻهو الله جو ولي آهي ۽ هڪ ماڻهو سڄي رات تهجد پڙهي ٿو پر صبح جو جڏهن دڪان تي آيو تہ ڪاشيءَ خريد ڪرڻ لاءِ ٽيڊي(ڇوڪري) آئي تہ هن ان جي اِستَڏي شروع ڪري ڏني مطلب تہ بدنگاهي ڪرڻ لڳو، ان کي ڪڏهن آپا پيو چوي تہ ڪڏهن خالہ.

مزي مزي سان ان سان ڳالهائي رهيو آهي ته اهڙو شخص ڪڏهن به الله وارو نٿو ٿي سگهي. گناهن جي ڪري نيڪين جو سچو نور ختم ٿي ويندو آهي.

ان ڪري دوستو! تقويٰ جو اهتمام گهڻو ضروري آهي. ها، ته آئون عرض ڪري رهيو هيس ته سڄي مخلوق الله تعاليٰ جو عيال يعني ڪُٽنب آهي.

الله تعاليٰ جو سڀ کان وڏو ولي اهو آهي جيڪو مخلوق کي نه ستائي، مخلوق سان مخلص رهي، ايستائين جو ڪافر سان به مخلص رهي مطلب ته، الله جي حڪم جو پابند رهي، ڪنهن ڪافِر عورت سان به زنا جائز نا هي، ڪن ماڻهن کي شيطان بهڪائيندو آهي ته هي ته ڪافِر آهي ، مالِ غنيمت آهي، لٽيو، اهي ماڻهو جهاد تي قياس ڪندا آهن ته جيئن جهاد ۾ ڪافر عورتون قيد ڪيون وينديون هيون ۽ مسلمانن کي مالِ غنيمت ۾ ورهائي ڏنيون وينديون هيون.

هاڻي اهو قانون ختم ٿي ويو، هڪ بين الاقوامي معاهدي جي ڪري پانهي ۽ غلام بنائڻ ختم ٿي ويو. خلاصو هي آهي ته ڪنهن ڪافر عورت کي به غلط نگاهَ سان ڏسڻ جائز ناهي. الله جي مخلوق جا حق سيني مسلمانن جي ذمي آهن. جڏهن مسلمان ملڪ شام فتح ڪرڻ وڃن پيا ته عيسائين انهن جي رستي ۾ خوبصورت ڇوڪريون بيهاري ڇڏيون هيون ته هي مسلمانَ جڏهن انهن خوبصورت ڇوڪرين کي ڏسندا ته انهن جو ايمان ڪمزور ٿي ويندو ۽ الله جي مدد هٽي ويندي، پر فوج جي ڪماندر ان مهل هيءَ آيت تلاوت ڪئي.

﴿قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ﴾ (سورة نور: آيت ٣٠، پارو نمبر ١٨)

اي نبي ! ايمان وارن کي فرماءِ ته هو پنهنجو نظرون هيٺ ڪن.

صحابہ ﷺ پنهنجون نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون، ڪنهن هڪ به اڪِ ڪٽي عيسائي ڇوڪرين جو حسن نه ڏٺو. انهن ڇوڪرين وچي پنهنجي والدين کي چيو ته توهان جنهن مقصد لاءِ اسان کي موڪليو هو، توهان مڙئي ان مقصد ۾ ناڪام ٿي وياڻو. اري اهي ته ڪي فرشتا آهن فرشتا، انهن ته اسان کي اڪِ ڪٽي به نه ڏٺو.

ته دوستو ! سڀي مخلوق سان مخلص رهو، جيتري به مخلوق آهي سڀني کي پنهنجي دعائن ۾ شامل ڪريو، ڪيئن ؟ اي الله ڪافرن کي به ايمان عطا فرماءِ، جيئن ڪنهن نالائق پٽ لاءِ ڪو ماڻهو ان جي پيءُ کي چوي ته تون هن تي رحم ڪر، سزا نه ڏينس، اهڙيءَ طرح توهان الله تعاليٰ کي عرض ڪريو ته اي الله ! سڀي دنيا جي ڪافرن کي ايمان عطا فرماءِ ۽ ايمان وارن لاءِ اها دعا ڪريو ته اي الله ! ايمان وارن کي تقويٰ عطا فرماءِ يعني پنهنجو خاص ولي ۽ دوست بناءِ ، مصيبت وارن کي عافيت وارو بناءِ، جيڪي بيمار آهن، انهن کي صحت عطا فرماءِ. ايستائين جو ڪِولين، ماڪوڙين جي لاءِ دعا گهرو ته اي الله ! ٻِرن ۾ جيڪي ماڪوڙيون رهن ٿيون. انهن تي به پنهنجي رحمت نازل فرماءِ. مڇين جي لاءِ به دعا ڪريو ته الله ! جيڪي جيڪي مڇيون دريائن ۾ آهن، تون انهن تي به رحم فرماءِ، الله وارن جو اهو ڪم هو، جو اهي سڀي مخلوق سان خير خواهي ۽ اڪرام ڪندا هئا.

ڏسو جيڪڏهن توهان جي ڪنهن سان محبت آهي ته پوءِ توهان ان جي ٻليءَ جي به عزت ڪريو ٿا، ان جي ڪتي جي به عزت ڪريو ٿا، جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي مخلوق جو همدرد ٿي ويندو ته

الله تعـاليٰ ان کي پنهنجو پيـارو بنـائي ڇـڏينـدو آهي. ڪنهن عورت کي به بـري نظـر سـان نه ڏسو، ڪنهن ڪـافـر کي به بـري نظـر سـان نه ڏسو، سڀني مخلوق سـان مخلص رهو، ان شـاء الله تعـاليٰ توهـان جلـدئي الله تعـاليٰ جـا پيـارا ٻـانهـا ٿي وينـدئو.

حضور ﷺ جن فـرمـائين ٿـا:

"اَلْخَلْقُ عَيَالُ اللهِ فَاَحَبُّ الْخَلْقِ اِلَى اللهِ مَنْ اَحْسَنَ اِلٰى عَيَالِهٖ" (مشکوٰة:ص۴۲۰)

سڀني مخلوق الله تعـاليٰ جو عيـال آهي. ان ڪـري الله جو سڀ کـان پيـارو ٻـانهو اهو آهي جيڪو الله جي مخلوق سـان ڀلي اخـلاق سـان پيش اچي.

هڪ ڏينهن حضرت ڊاڪـٽـر عبـدالحي صـاحب رحمة الله عليه جن جيڪي حضرت حڪيـم الامت ٿـانوي رحمة الله عليه جن جـا خـاص خليفه هئـا. ٻـڌايو ته هڪ ڏينهن حضرت حڪيـم الامت رحمة الله عليه کي پيـراڻي صـاحبه (گهـرواريءَ) عـرض ڪيو ته سيـاڻي آئون ڪنهن مـائٽيـاڻيءَ جي گهـر وڃـان پئي، توهـان صبح جو اٿين وڃي ڪـڪـڙين کي کولي ڪجهه داڻو ڏئي ڇـڏجو ۽ پـاڻي پيـاري ڇـڏجو.

هـاڻي ڀـلا حضـرت حڪيـم الامت مولانـا اشـرف علي ٿـانوي رحمة الله عليه جيڪي ڏيـڍ هـزار ڪتـابن جـا مصنف هئـا. انهن کي ڪهـڙي خبـر، ڪـڪـڙين کي کولڻ جي ۽ داڻي پـاڻي ڏيڻ جي، حضـرت کي ڳـالهه وسـري ويئي. خـانقـاهه ۾ آيـا، هـرروز لڳ ڀڳ سٺ خط اينـدا هئـا جن ۾ وڏن وڏن عـالمن جـا خط به هونـدا هئـا. هـاڻي جواب لکڻ چـاهين ته ڪو جواب ٺئي نه اچي، تفسيـر بيـان القـرآن لکڻ چـاهين ته ڪو مضـمون ٺئي نه اچي قلـم رڪجي ويو، دل ۾ اونـداه پئي اچي.

پوءِ الله تعالىٰ جي سامهون روئي پيا تہ يا الله ! اشرف عليءَ کان ڪهڙي غلطي ٿي ويئي ، يا الله ! مون کي ان غلطي ءَ کان باخبر فرماءِ تہ آئون ان غلطيءَ کان توبہ ڪريان ، دل مان آواز آيو تہ اي اشرف علي ! حضرت رحمة الله عليه فرمائيندا هئا تہ جڏهن الله تعالىٰ سان ناطو مضبوط ٿيندو آهي تہ پوءِ دل مان آواز ايندا آهن تہ هي ڪر ۽ هي نہ ڪر ـ

**تم سا کوئی ہمدم کوئی دمساز نہیں ہے**

**باتیں تو ہیں ہر دم مگر آواز نہیں ہے**

تہ حضرت رحمة الله عليه کي آواز آيو تہ تو منهنجي هڪ مخلوق کي بند ڪري ڇڏيو آهي، ڪڪڙيون پريشان آهن، اَنَ جي بجاءِ نَوَن ٿي رهيا آهن هڪ ڪلاڪ کان اهي بي چين آهن، منهنجي هڪڙي مخلوق تنهنجي ڪري تڪليف ۾ آهي تہ پوءِ تو کي عِلمَ ڪيئن ڏناوجن، اهڙيءَ حالت ۾ توکان ڪو سرڪاري ڪم ڪيئن وٺجي، وڃ، جلدي وڃي ڪڪڙين کي کولِ، حضرت ٿانوي رحمة الله عليه خانقاهَ مان ڊوڙي ويا ۽ وڃي ڪڪڙين کي کوليائون ۽ جلدي جلدي داڻو پاڻي ڏنو ۽ جڏهن واپس آيا تہ سڀ علومَ بہ جاري ٿي ويا.

دوستو ! ڪڪڙين کي ستائڻ جو اهو واقعو ٻڌي رهيا آهيو، پر اسان تہ اڄ ڪلهہ پنهنجي زالن کي ستائي ستائي ڪين بيزار ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي توهان پاڻ ٻڌايو تہ الله تعالىٰ جي ڪيڏي وڏي غضب کي اسين سڏي رهيا آهيون، مون کي تہ اڄ اهوئي مضمون بيان ڪرڻو هو پر الله جي فضل سان ٻيون ڳالهيون بہ اچي ويون.

هاڻي اصل مضمون شروع ٿو ڪريان، الله تعاليٰ عورتن جي باري ۾ سفارش نازل فرمائي آهي. قرآن پاڪ ۾ فرمايائين ٿا :

﴿وَعَاشِرُوهُنَّ بِالْمَعْرُوفِ﴾ (سوره نساء: آيت ١٩، پاره نمبر ٤)

پنهنجي زالن سان، ڀلو ورتاءُ ڪريو .

ڇا خيال آهي توهان جو، جيڪڏهن ملڪ جو وزيراعظم توهان کي خط لکي ته پنهنجي زالَ سان ڀلو ورتاءُ ڪجان، ڇو جو تنهنجي زال منهنجي ڌيءُ سان گڏ پڙهي آهي.

پوءِ ٻڌايو توهان پنهنجي زال کي ستائيندائو؟ اري ادا! جيڪڏهن ڪو شينهن توهان سان گڏ هلي ۽ چوي ته خبردار ! ڪنهن مائيءَ کي نه ڏسجان نه ته منهنجي هڪ گجگوڙ سان تنهنجو ڪاڪوس نڪري ويندو، ته پوءِ توهان ڇا ڪندا، توهان پنهنجا ٻئي هٿَ اکين تي رکندا ۽ چوندا ته شينهن صاحب! ڏس، بدگماني نه ڪجان آئون ڪنهن کي به ڪو نه پيو ڏسان . آه ! هڪ مخلوق ڪان اسين ايڏو ڊڄئون پيا .

حيدرآباد سنڌ (پاڪستان) ۾ اسين هڪ پيري شينهن ڏسڻ وياسين مون کي شينهن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. خاص ڪري اهو شينهن جنهن کي ڏاڙهي به هجي ۽ ڪنڌ جا وار به هجن، بلڪل بزرگ جي شڪل ۾ هوندو آهي جنهن جو نالو ٻبر شير آهي. الله جو شان ان ڏينهن راڻي باغ جو ملازم پڃري جو دروازو بند ڪرڻ ڀلجي ويو، لائوڊ ۾ اعلان پيا ٿين ته جيڪي ماڻهو راڻي باغ ۾ آهن سڀ ڀڄي وڃن، هن وقت شينهن آزاد آهي ڪنهن تي به حملو ڪري سگهي ٿو، ان مهل جيڪي پوڙها پوڙها لٺ تي وڏي مشڪل سان پيا هلن، اهي به ائين ڀڳا جو هرڻ شرمائجي وڃي.

جـان اهڙي پيـاري شيءِ آهي، ڪجهه ديـر ڪـانپوءِ اعـلان ٿيو ته شينهن پڃري ۾ هليو ويو آهي، پڃري ۾ گوشت وڌو ويو هو جنهن جي ڪري شينهن انـدر هليو ويو ۽ دروازو ٻـاهـران ڪـان بنـد ڪيو ويو آهي. پـر جيڪو شينهن جو پيـدا ڪـرڻ وارو آهي ان ڪـان ڪيتـرو ڊڄڻ کپي، شينهن جـڏهن گجگوڙ ڪنـدو آهي ته زمين به لـُڏي وينـدي آهي، اللهﷻ جي دڙڪي ۾ ڪيـڏو آواز هونـدو، قيـامت جي ڏينهن جـڏهن اعـلان ٿينـدو ﴿خُذُوْهُ﴾ پڪـڙيوهن نـالائق کي ﴿فَغُلُّوْهُ﴾ پوءِ زنجيـرن ۾ ٻـڌوسِ ﴿ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ﴾ پوءِ هن کي جهنـم ۾ وجهي ڇـڏيو. ڇـا آواز هونـدو، ڇـا قيـامت جو ڏينهن هونـدو. اڄ اسين نفس جي مـزي لاءِ پـاڏي وانگـر هـر ٻنيءَ ۾ منهن وجهڻ لاءِ تيـار آهيون ۽ ان جو انجـام ڇـا آهي ان جو ڪو فڪـر نـاهي.

هـا، ته الله تعـاليٰ جي سفـارش آهي ته پنهنجي زالن سـان ڀلو بـرتـاءُ ڪـريو، زال ڀلي جوان هجي يـا پوڙهي، ڀلي ان جي وات ۾ ڏنـدَ به نه هجن، اجـا جـڏهن پوڙهي ٿي وئي ته ان جو گهڻو خيـال ڪجي، جـڏهن جوان هئي تـڏهن ته گهڻي محبت هئي، هـاڻي جـڏهن ڏنـدَ پڇي پيـا ۽ حسن هليو ويو ته ان کي حقيـر پيو سـمجهي، اهـا ڳـالهه صحيح نـاهي. اُن پوڙهيءَ جو به خيـال ڪجي ڇو جو، اُهـا توهـان سـان ئي گـڏ پوڙهي ٿي آهي .

پهـرين نفس جي ڪـري محبت ڪنـدا هيـائوهـاڻي اللهﷻ جو حڪـم سـمجهي اُن کي پيـار ڏيو، جيڪـڏهن بيـمـار آهي ته دوا وٺي ڏيوس ۽ رحـم و ڪـرم وارو بـرتـاءُ ڪـريوسِ. مولانـا رشيـد احـمـد گنگوهي رحمة الله عليه بخـاري شـريف پـڙهـائڻ مهل سڄي زنـدگي هڪ ئي قصو

ٻڌائيندا هئا ته پيو ڪو قصو انهن کي ياد به نه هو، جڏهن طالبِ علم پڙهي پڙهي ٿڪجي پوندا هئا ته فرمائيندا هئا، اباهڪڙو قصو ٻڌو ته طالبِ علم ڪير هئا؟ حضرت شيخ الحديث مولانا زڪريا رحمة الله عليه جا والد مولانا يحيٰ صاحب رحمة الله عليه ۽ منهنجي مرشد جا استاد مولانا ماجد علي جونپوري رحمة الله عليه ته پيا به گهڻا طالبِ علم اهو قصو ٻڌي کلي پوندا هئا ته اهو قصو هي هو ته دهليءَ ۾ هڪ پوڙهو ۽ هڪ پوڙهي رهندا هئا، ڪين ڪوبه اولاد نه هو، اسي سالن جو پوڙهو ۽ اسي سالن جي پوڙهي هڪ ٻئي رليءَ ۾ سمهندا هئا، ايڏي محبت هئي پاڻ ۾ جو پوڙهو بنا اجازت جي پيشاب به ڪو نه ڪندو هو، جڏهن پيشاب لڳندو هوس ته چوندو هو اي ڪراڙي، مون کي پيشاب لڳو آهي، پوڙهي چوندي هئي ته ها ها، پيشاب ڪر. حضرت مولانا گنگوهي رحمة الله عليه اهوچئي پاڻ چپ ٿي ويندا هئا. منهن تي مُرڪَ به نه ايندي هئي ۽ طالب علم کلي پوندا هئا.

ڪن ماڻهن کي اهو ڏک آهي ته اسان جي ماءُ پيءُ کان غلطي ٿي وئي، اسان جي زال جيتري خوبصورت هجڻ کپي ها اوتري ناهي، امان جي چوندَ غلط آهي. اک ۾ ڪو موتيو هيس الائي ڇا؟ يا رهن نمبر جي عينڪ لڳائي وئي هئي رشتو ڪرڻ الائي ڇا؟ ماءُ کي پيو گهٽِ وڌِ ڳالهائي ته يارهن نمبر جي عينڪ لڳائي وئي هئي، ان ڪري ڏوڪو ڪائي آئي. ان ڪري آئون عرض ٿو ڪريان ته جوڙا مقدر مطابق ٿيندا آهن. الله جي لِکڻ کان سواءِ ڪجهه نه ٿو ٿئي. جنهن جي قسمت ۾ الله جيڪو ڪجهه لکيو آهي، اهو ان تي راضي رهي، هي زالون، جنت ۾ حورن

ڪان وڌيڪ حسين ڪيون وينديون.

علامه آلوسي رحمة الله عليه روح المعاني ۾ سيپاري نمبر ٢٧ ۾ سورت رحمان جي تفسير ۾ لکيو آهي ته حضرت ام سلمه رضي الله عنها پڇيو ته ”اي الله جا رسول ﷺ! جنت ۾ حورون زياده حسين هونديون يا مسلمان زالون؟“ حضرت ام سلمه رضي الله عنها هي سوال ڪري قيامت تائين عورتن تي ٿورو ڪري ڇڏيو، اڄ توهان پنهنجي زالن کي اها حديث ضرور ٻڌائجو جيڪا اختر ڪان ٻڌي رهيا آهيو. اهو سوال ڇو ڪيو، مڙني عورتن جي طرفان وڪالت جو حق ادا ڪري ڇڏيو، ڇو ته عورتون ڏسن ٿيون ته انهن جا مڙس جڏهن رستن تي هلندڙ سٺيون شڪلون ڏسن ٿا ته ان ڏينهن وري پنهنجي زالن کي صحيح طرح نه ٿا ڏسن، جيڪڏهن ڏسن ٿا ته نظر هيٺ ڪري پوءِ ڏسن ٿا، اهو غلط ڏسڻ جي گناهَ جو وبال آهي. برياني ۽ پلاءُ ڏسي، دال ڪيئن وڻندي؟ دال تي ياد آيو ته هڪ شاعر جيڪو گوشت جو وڏو شوقين هو پنهنجي زال کي چوڻ لڳو ـــ

پکاؤ گی جس دن تم ارہر کی دال
سمجھ لو اسی دن مرا انتقال

سرورِ عالم ﷺ جن فرمايو ته: ”اي ام سلمه !جنت ۾ مسلمان عورتون، حورن کان ٻه گهڻيون حسين هونديون، حضرت ام سلمه رضي الله عنها پڇيو ”وَبِمَ ذَاكَ“ ڇالا اهو ڇو؟ ته پاڻ فرمايائون: حورن نماز ڪانهي پڙهي، روزا ڪو نه آهن رکيا، مڙسن جي خدمت ناهي ڪئي، ٻار ڄڻڻ جي تڪليف ڪانهي سٺي ۽ مسلمان عورتن نمازون پڙهيون آهن، روزا

رکيا آهن، حج ڪيا آهن، مڙسن جي خدمت ڪئي آهي، ٻار ڄڻڻ جي تڪليف سٺي آهي“. حديث جا لفظ هي آهن :

”بِصَلَاتِهِنَّ وَصِيَامِهِنَّ وَعِبَادَتِهِنَّ اَلْبَسَ اللهُ وُجُوهَهُنَّ النُّوْرَ“

(روح المعانی :ص١٢٦، ج٢٧)

انهن جي نماز، روزن ۽ انهن جي عبادت جي ڪري الله تعاليٰ انهن جي منهن تي نور وجهي ڇڏيندو.

انهن جي منهن تي جيڪو نور هوندو سو اضافي نور هوندو حورن ۾ اهو اضافي نور نه هوندو. الله جنهن تي پنهنجو نور وجهي ته پوءِ ان جي حسن جي ڇا جاءِ هوندي.

دنيا جي ڇمارِ ڪجهه ڏينهن آهي. ريل جي پليٽ فارم تي ڪا سٺي ڇانهه ڪانهي ملندي، اتي ته توهان چوندا آهيو ته اَبا، جهڙي به آهي پي ڇڏيو. گرم پاڻي ئي سهي، نزلي، زڪام کان ته بچي ويندا سين، گهر هلي، پلي ڇانهه پيئندا سين. دنيا به هڪ پليٽ فارم آهي، هتي جهڙي زال ملي آهي، ان سان نباهه ڪر. جنت ۾ اهي ئي زالون حورن کان به وڌيڪ حسين بنايون وينديون، ائين نه ڪجي ته جيڪڏهن زال گهٽ خوبصورت آهي ته پوءِ هر وقت ان کي طعنا پيا ڏين، ستائين پيا.

ادا سوچيو ته سهي ! جيڪڏهن تنهنجي نياڻي گهٽ خوبصورت هجي ها ته تون ڇا چاهين ها. ڇا تون اهو پسند ڪندين ته نياڻو ان کي ستائي. ڳالهايو دوستو ! پنهنجي دل تي هٿ رکي ٻڌايو جيڪو اختر چئي رهيو آهي، جيڪڏهن توهان جي نياڻي گهٽ حسين هجي ها يا ڪاوڙ واري هجي ها ته ڇا توهان چاهيندا ته نياڻو ان کي ماري،

ڏنــدا هٽي گـاريون ڏئي ۽ چوي تہ پنگيـاٽي تون منهنجي قسـمت ۾ ڪـٿـان ڪـان لڪجي آئي آهين. مون وٽ هڪ رئيس آيو ۽ چوڻ لڳو تہ منهنجي نيـاٽيءَ جي لاءِ ڪو تعويــذ ڏيو، هن ۾ ڪـاوڙ گهڻي آهي جنهن سـان هن جي شـادي ٿيـنـدي، الائي ڪيـتري مـارڪـائيـنـدي، اچـا شـادي بہ ڪـانهي ٿي پـرهينئـر ڪـان ئي فڪـر آهي.

دوستو ! اسـانجون زالون بہ تہ آخـر ڪنهن جون ڌيئون آهن، پنهنجي نيـاٽيءَ لاءِ توهـان تعويــذ وٺو ٿـا يـا نہ. منهنجا پـائـرو ! چـاحـال ٿيـنـدو اسـان جو جيڪـڏهن اسـان جو نيـاٽو. اسـان جي ڌيءُ کي سـتـائي. ان ڏانهن نہ ڏسي يـا سـدائين دڙڪـاڏيـنـدو هجي. هوءَ ويچـاري ڳـالهـائڻ چـاهي ٿي پـرهي تسبيح ڪنيو ويٺو آهي، سچو ڏينهنُ تہ هوءَ ويچـاري توهـان جو انتظـار ڪـنـدي رهي ۽ توهـان دڪـان تي هيـائو.

سچو ڏينهن ويچـاريءَ انتظـار ڪيو تہ هـاٽي منهنجو مـڙس اينـدو تہ ان سـان دل وِنـدرائيـنـدا سين ۽ توهـان گهـر ۾ ڳِهـڙي تسبيح ڪٽي ويهي رهيـا جو بـابـا بـايزيـد بسطـاميؒ ۽ بـابـا فـريـدالـدين عطـار ؒ بہ شـرمـائجي وڃي ان کي ڏسي. ۽ پـڌو ! گهـر ۾ ڪيئنَ ٿـا پڻ اچن. آڪيون بنـد ڪـري ، تسبيح پـڙهنـدي چڻ تہ خواجہ معين الـدين چشتي اجـميـريؒ پيو اچي، توهـان پـاڻ پـڌايو، پـلا اهو آهي حق زالن جو ؟

حضـرت عـائشہ صـديقہؓ فـرمـائين ٿيون تہ حضورﷺ جـڏهن گهـر ۾ داخل ٿيـنـدا هئـا تہ مُـرڪـنـدا رهنـدا هئـا، آکيون بنـد ڪـري عـرشِ عظيـم تي ڪو نہ رهنـدا هئـا، زمين وارن جـا حق بہ ادا

ڪنـدا هئا. جيتوڻيڪ سـائين جن کي امت جو ڪيترو غـم هو ۽ هـر وقت ڪـافـرن سـان مقـابـلا.

هڪ جهـاد ختـم ئي مس ٿيو، اجـان تلوار ئي نہ رکيـائون تہ ٻيو جهـاد شـروع ٿي ويو، پـر انهن سيني ڪـمن جي هونـدي ڪـڏهن بہ ائين نہ ٿيو جو سـائين جن گهـر ۾ داخل ٿيـا هجن ۽ منهن مبـارڪ تي مُـرڪ نہ هجي.

پنهنجي زالن ڏانهن مـرڪنـدي مـرڪنـدي اچڻ، هي اهـا سنت آهي جيڪـا ڇـڏائجي ويئي آهي. جيڪي بي دين آهن اهي تہ گهـرن ۾ فـرعون بنجي اچن ٿـا. وڏيون وڏيون مڇون رکي انهن کي وٽينـدي اکيون ڳـاڙهيون لال ڪـري اينـدا آهن، جيئن رعب بـاقي رهي، ائين نہ ٿئي جو مون کي ڪجهہ چئي وجهي، ان ڪـري پنهنجي زالن تي رعب جـمـائڻ لاءِ نـمـرود ۽ فـرعون بڻجي اينـدا آهن .

۽ وري جيڪـي دينـدار آهن. اهي بـابـا بـايـزيـد بسطـامي رحمة الله عليه ۽ خواجہ معين الـدين اجـميـري رحمة الله عليه ۽ بـابـا فـريـد الـدين عطـار رحمة الله عليه بڻجي اينـدا آهن. مـراقبي ۾ اکيون بنـد ڪنـدي اينـدا آهن جڻ تہ ڪـي عـرش تي تـارهن، زمين جي ڪـا ڳـالهہ تہ ڄـاڻن ئي نہ ٿـا. اهي ٻئي زنـدگيون خـلافِ سنت آهن، گهـر ۾ جـڏهن پنهنجي زال ڏانهن وڃجي تہ مُـرڪنـدي وڃجي، ان سـان ڳـالهيون ڪـريو، تسبيحـات کـان وڌيڪَ ثواب هـاڻي ان ڳـالهہ ۾ آهي تہ ان جو حق ادا ڪـريو، حضور صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن فـرمـائين ٿـا تہ سڀ کـان وڌيڪ ڀلي اخـلاق وارو اهو ئي آهي جنهن جا پنهنجي زال سـان اخـلاق ڀـلا آهن، اسـان جو تہ اهو حـال آهي جو دوستن وٽ ويهي تہ گهڻو

ڪلندا سين، لطيفا پڙا ئيندا سين پر زال وٽ وڃي وڏا سنجيده بزرگ بڻجي ويندا سين، وات بند ڪريو ويٺو آهي جڻ ته ڪلڻ ڄاڻي ئي ڪو نه . ۽ هوءَ ويچاري اچرج ۽ افسوس ۾ آهي ته يا الله ! سڄو ڏينهن انتظار ڪيم ته رات جو منهنجو مڙس ايندو ته ان سان ڳالهائيندي س ۽ ڪلندي س ۽ هي ته ڄڻ ڪو پٿر جو بت آهي.

هي مرڪڻ ۽ ڪلڻ به عبادت ۾ داخل آهي، سڄي رات نفل پڙهڻ ۽ پنهنجي زال سان نه ڳالهائڻ. اها ڳالهه ته صحابه ڪرام ﷺ جي سنت جي به خلاف آهي، هڪ ننڍي عمر جي صحابيءَ ﷺ وٽ هڪ وڏي عمر وارو صحابي ﷺ ويو. هُنَ ننڍي عبادت شروع ڪري ڏني ته ان وڏي صحابي ﷺ فرمايو "اِنَّ لِضَيۡفِكَ عَلَيۡكَ حَقًّا" تنهنجي مهمانَ جو به تو تي حق آهي. مون سان ڳالهيون ڪر، ان ڪانپوءِ فرمايائون تون وِچ پنهنجي زال جو به حق ادا ڪر "اِنَّ لِزَوۡجِكَ عَلَيۡكَ حَقًّا". زال جو به تو تي حق آهي وڃي ان سان به ڳالهيون ڪر.

ته منهنجا دوستو ! مون عرض پئي ڪيو ته حضرت حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي ؒ فرمائين ٿا ته الله تعاليٰ پنهنجي زالن سان پلي برتاءَ ڪرڻ جي هن آيت ۾ سفارش نازل ڪئي آهي ۽ الله تعاليٰ جي سفارش ڪي رد ڪرڻ وارن جي لاءِ حضرت حڪيم الامت ٿانوي ؒ جا لفظَ آهن، آئون ڪو نه پيو چوان .

حضرت ٿانوي ؒ جيڪي پنهنجي زماني جا مجدِّد هئا اهي پيا فرمائين ته جيڪو پنهنجي زالن کي ستائي ٿو، اهو بيغيرت مرد آهي

چو تہ هوءَ ويچاري ڪمزور آهي، تنهنجي قبضي ۾ آهي، ان جا پائر ۾ پينرون ان ڪان پري آهن ۽ بِن ٽِن ٻارن ڪان پوءِ تہ اجا گهٽي ڪمزور ٿيو وڃي ۽ هي مڙس آنا ڪائي ڪائي سڄي رهيو آهي، پوءِ ان کي ڏنڊا هڻي پنهنجي طاقت ٿو ڏيکاري.

۽ چوي ٿو تہ ادا، ڇا ڪريان، ڪاوڙ ۾ بس چريو ٿيو وڃان، چو انس ٿو تہ ٿوال ڌوئي ڏي تہ نہ ٿي ڏي، اڄ ئي چيو مانس تہ ڌوئي ڏي ڪو نہ ڌوئي ڏنئين. اڙي ادا: توهان زال کي نوڪرياڻي آخر چو سمجهيو آهي؟ پنهنجو ٿوال پاڻ نہ ٿو ڌوئين، هن ويچاريءَ کي چو ٿو ستائين، ڪاوڙ ۾ چو ٿو چريو ٿين.

منهنجو هڪ دوست آهي ڪراچيءَ ۾، چوندو آهي تہ جيڪي ماڻهو اهو ٿا چون تہ مون ۾ ڏاڍي ڪاوڙ آهي، بس ڪاوڙ ۾ چريو ٿيو وڃان. اهو بلڪل غلط آهي ڪاوڙ ڪڏهن بہ چري ڪانهي ٿيندي، ڪاوڙ وڏي هوشيار آهي. ڪاوڙ رڳو ڪمزورن تي چري ٿيندي آهي، سواسير وارو.اڌ سير واري تي ڪاوڙ لاهيندو آهي، پر جيڪڏهن اچي ويو محمّد علي ڪِلي جهڙو باڪسر جيڪو هڪڙي ئي مُڪ ڏيکاري، تڏهن ان جي ڪاوڙ ڇا چوندي آهي، معاف ڪر ٻيلي، معاف ڪر ۽ هٿ ٻڌي آلي ٻلي ٻڻجي ويندو آهي.

هاڻي اهو معافيءَ وارو عقل ڪٿان آيو. هينئر تہ هي چريو هو پوءِ عقل واريون ڳالهيون چو پيو ڪري. خبر پيئي تہ ڪاوڙ ۾ ڪو بہ چريو ڪو نهي ٿيندو، اهي سڀ بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون آهن. پوءِ بہ آئون توهان کي هڪ علاج ٻڌايان ٿو.

سعودي عرب جي شهر جدي ڪان ڪراچيءَ ۾ مون وٽ هڪ

خط آيو تہ مون ۾ ۽ منهنجي زال ۽ ٻارن ۾ ڏاڍي ڪاوڙ آهي. سڄو خاندان ڇڻ تہ عذاب آهي، مون ڪين لکيو تہ ست دفعا **بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ** پڙهي پنهنجي ڪاڌي تي دم ڪريو، جڏهن بہ دستر خوان وڇائجي ۽ سڀ ڪائڻ لاءِ ويهي رهن تہ پوءِ اهو دم ڪريو جو ٿورڙي ٿُڪَ جا ڪجهہ ڇنڊا بہ پئجي وڃن پر ٿورا، ائين نہ جو تو لو ڪن وجهي ڇڏيو پوءِ ڪائيندو ڪير ؟ مُلاّ علي قاري رحمة الله عليه مشڪٰوة جي شرح ۾ لکن ٿا ”**خُرُوۡجُ الۡبُزَاقِ مِنَ الۡفَمِ**“ يعني دم ڪرڻ مهل ڀِڪَ جا ڪجهہ ذرا ڪِري پون انهن ان ڳالهہ تي عمل ڪيو، هڪ مهيني ڪان پوءِ خط آيو تہ الله جي رحمٰن ۽ رحيم واري نالي جي صدقي اسان سڀني ۾ رحمت وارو شان اچي ويو ۽ اسان جي ڪاوڙ ختم ٿي ويئي. اسين طبعيت ۾ وچولا ٿي وياسين. الله جو نالو وڏو آهي.

دوستو ! مشورو تہ ڪريو، اڄ بزرگن سان، الله وارن سان يا الله وارن جي غلامن سان اسان تعلق ئي ٿوڙي ڇڏيو آهي. پنهنجو علاج پاڻ ٻيا ڪن، پوءِ فائدو ڪيئن ٿيندو، ڪو بہ روحاني مرض اهڙو ناهي جيڪو ختم نہ ٿي سگهي، توهان پڇي تہ ڏسو ،عمل ڪري تہ ڏسو، جيڪڏهن ڪنهن کي چاليهن سالن جي گناهہ جي عادت پيل هجي مشورو تہ ڪري، ان شاء الله جيڪڏهن نيڪ نہ ٿئي تہ پوءِ ڇئجو تہ اختر مسجد ۾ چا پئي چيو. پر بيمار پاڻَ ئي نيڪ نہ ٿيندو، معالِج (روحاني علاج جي مرشدَ)سان مشورو ڪبو، جيڪي روحاني معالِج ۽ ڊاڪٽرَ آهن ۽ سنت جي تابيداري ڪندڙ بزرگن جا صحبت يافتہ ۽ اجازت يافتہ آهن انهن سان مشورو ڪريو. ان شاء الله تعاليٰ گناهَ ڇڏائجي ويندا .

هـا، تہ آئون چئي رهيو هيس تہ جيڪي مـاڻهو پنهنجي زالن کي ستـائين ٿـا جيڪـڏهن ان جو ڪو ٿلهو ۽ پهلوان يـاءُ محمّـد علي ڪلي پهلوانَ جهـڙو اچي وڃي ۽ چوي تہ هـا ادا تون منهنجي ڀيڻ کي ڇو ٿو ستـائين، تـڏهن ڏسنـداسين ڪيئَن ٿـا پوءِ ستـايو پنهنجي زالن کي.

دوستو! الله کان ڊڄو ڏسو آسـمـان وارو ڏسي رهيو آهي تہ هي منهنجي ٻـانهيءَ سـان ڪيئن ٿو هلي، هنن عورتن جون دليون ايـڏيون نـازڪ ٿينـديون آهن جو جيڪـڏهن توهـان انهن کي ٿورا دڙڪـا ڏنـا ۽ چئي ڏنوتہ اڄ آئون ڏاڍو ٿڪل آهيـان، تو کي ڇـا آهي. سڄو ڏينهن پئي هونـدي آهي تہ هوءَ ويچـاري تنهنجي انهن جـملن تي سڄي رات روئنـدي رهنـدي آهي. ڪيس ننـڊ بہ ڪـانهي اينـدي، ان جي آهہ آسـمـان تي پهچنـدي آهي تہ .

يـاالله! آئون تہ هن جي پيـار جي بُکي هيس تہ هي اينـدو، مـرڪنـدو ۽ ڪجهہ ڳـالهـائينـدو، پـر هي تہ اهڙو ٿڪجي ٿو اچي جو اچڻ شـرط ئي سـمهيو رهي. مـڙس تہ هـاڻي ستو پيو آهي ۽ هيءَ ويچـاري روئي روئي رات گـذاري رهي آهي، ان جي ڳوڙهن کي الله ڏسي پيو، اهـڙن ظـالـم مـڙسن کي مون سخت عـذاب پو ڳينـدي ڏٺو آهي.

هڪ مـاڻهوءَ صـرف ان ڪـري جو سنـدس زال ڪـاري آهي ۽ شڪل سٺي نـا هي ، نفس جي هوس جي ڪـري ڇهن ٻـارن جي مـاءُ هونـدي ڪيس طـلاق ڏيئي ڇـڏي، هي ڪو ٻُـڌل واقعو نـاهي، منهنجي اکين ڏٺو حـال آهي، چونـدو هوتہ منهنجي مـاءُ کان غلطي ٿي جو منهنجي لاءِ اهڙي زال چونـديـائين، منهنجو هن سـان گـذارو نہ ٿينـدو، هـاڻي آئون ڪنهن خوبصورت عورت سـان شـادي ڪنـدس، ويچـاري زال هن کي چيو

تہ جيڪـڏهن آئون تو ڪي نہ ٿي وٺـان تہ پوءِ هي ڇهہ ٻـار ڪٿـان آيـا. شروعَ ۾ ئي طـلاق ڏيئي ڇـڏين هـا تہ منهنجي ڪٿي شـادي ٿي وڃي هـا. هـاڻي جـڏهن آئون ڇهن ٻـارن جي مـاءُ بڻجي ويئي آهيـان تہ مون کي طـلاق ٿو ڏين، ڇوڻ لڳو تہ بس آئون مجبور آهيـان، مون کـان نہ ٿو بـرداشت ٿئي، هـاڻي آئون حسين عورت سـان شـادي ڪنـدس، اهو چئي ٿي طـلاقون ڏيئي ڇـڏيـائين.

جـڏهن اهـا ڇهن ٻـارن کي ڪٽي گهـر مـان نڪتي آهي تہ آسـمـان ڏانهن نگـاهہَ ڪـري پنهنجي حـال جي زبـان سـان هي شعر پـڙهيو ـــ

**ہم بتاتے کسے اپنی مجبوریاں**

**رہ گئے جانبِ آسماں دیکھ کر**

ان کـان پوءِ ان مـاڻهوءَ بي شـادي ڪئي ۽ گهڻي خوبصورت عورت هئي، ڇهہ مهينـا بہ نہ گـذريـا هئـا تہ اڌ رنگ( جواتيڪ ٽيس، ڏهن سـالن تـائين زنـدہ رهيو، بستـري تي پيشـاب ڪـاڪوس ڪنـدو هو ۽ هوءَ چوڪـري بہ ڇڏي ويئي تہ اهـڙي مـاڻهوءَ سـان منهنجو گـذارو نہ ٿينـدو، ڏسو اهو نتيجو ٿينـدو آهي. ڪنهن جي آهہ نہ ڪٽو.

حضور ﷺ جن فـرمـائين ٿـا، بخـاري شـريف جي حـديث آهي:

"اِتَّقِ دَعْوَةَ الْمَظْلُوْمِ فَاِنَّهٗ لَيْسَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ اللهِ حِجَابٌ" (بخاری: ص۳۳۱، ج۱)

مظلوم جي آهہ کـان ڊڄو، جو ان جي ۽ الله جي وچ ۾ ڪو پـردو نـا هي هونـدو. انهيءَ ڳـالهہ کي هڪ الله واري شـاعـر چيو آهي ـــ

**بترس از آہ مظلوماں کہ ہنگامِ دُعا کردن**

**اجابت از در حق بہر استقبال می آید**

مظلومن جي آهن کان ڊڄو، جڏهن اهي الله کي سڏيندا آهن ته الله جي طرفان قبوليت انهن جي دعا جي آجيان ڪندي آهي. حضور ﷺ جو ارشاد آهي :

"خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ لِاَهْلِهٖ" (جامع صغير :ص۱۰، ج ۲)

توهان مان سڀ کان وڌيڪ ڀلو اهو آهي جيڪو پنهنجي گهروارن لاءِ ڀلو هجي. ۽ انهن جون غلطيون معاف ڪرڻ وارو آهي. حڪيم الامت مجدد الملت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمه الله فرمائين ٿا ته هڪ مزدور ماڻهو هڪ پيري وڏي محنت ڪري پنهنجي پگهر جي ڪمائيءَ مان ڪڪڙ جو گوشت ۽ گيهه ۽ مسالا وٺي آيو، پر زال کان لوڻ تيز ٿي ويو، ايترو کارو ٿي ويو جو کائڻ مشڪل ٿي ويو، پاڻي پي ڪري اٿي ويو، پر ڪجهه به نه چيائين، شريف ماڻهو هو، الله وارو هو.

سوچيائين ته جيڪڏهن منهنجي نياڻيءَ کان لوڻ تيز ٿي وڃي ها ته آئون ڪڏهن به نه چاهيان ها ته منهنجو نياڻو ان کي مار ڪڍي، منهنجي زال به ته آخر ڪنهن جي نياڻي آهي، اسين پنهنجي نياڻين لاءِ تعويذ گهرندا آهيون ته مولانا صاحب ڪو اهڙو تعويذ ڏي جو منهنجو نياڻو منهنجي ڌيءُ کي محبت سان رکي، غلطي ٿي وڃيس ته معاف ڪري، گاريون نه ڏيئي ، مار نه ڪڍي، منهن نه سڄائي گهمي، ڪلي ڳالهائي ۽ سُکَ سان رکي.

ادا ٻڌايو اسين اهڙا تعويذ وٺندا آهيون يا نه پنهنجي نياڻين لاءِ اسان توهان جو زالون به ته آخر ڪنهن جون ڌيئرون آهن يا هي آسمان مان ڪِري آيون آهن، هتي به اهوئي سوچيو ته ماءُ پيءُ جي دل کي

ڪيڏو ڏُک رسندو هوندو جڏهن اهي وجي ڪري چوندا هوندا آهن ته تنهنجو نياڻو مون کي چڱي طرح نه ٿو رکي ۽ ستائي ٿو.

ان ڪري منهنجا دوستو! هن مزدورَ اهو چئي معاف ڪيو ته ياالله هيءَ تنهنجي ٻانهي مون کي ڪجهه ڏينهن لاءِ هن دنيا ۾ مليل آهي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نه هيءَ هوندي ۽ نه ئي اسين هوندا سين، سڀئي قبرن ۾ هوندا سين. ياالله آئون تو کي راضي ڪرڻ لاءِ تنهنجي ٻانهي سمجهندي هن جي غلطي معاف ڪريان ٿو، حڪيم الامت مجدّد الملت حضرت مولانا اشرف علي صاحب ٿانوي رحمة الله عليه پنهنجي تقرير ۾ بيان ڪندا هئا ته هڪ الله واري اُن مزدور کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيئين ته تو سان ڇا ٿيو؟ جواب ڏنائين ته منهنجا گناهَ ته وڏا هئا، پر الله تعاليٰ فرمايو ته هڪ ڏينهن تو منهنجي ٻانهيءَ جي غلطي معاف ڪئي هئي ان جي بدلي ۾ آئون تو کي ٿو معاف ڪريان.

حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه پنهنجي ڀاٽيجي حضرت مسطح رضي الله عنه کان رُسي ويا ۽ غلطي به حضرت مسطح رضي الله عنه جي هئي، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه قسم کنيو ته هاڻي آئون هن تي خرچ نه ڪندس ۽ نه ئي وري سڄي عمر تائين ڳالهائيندس، پر جيئن ته هي بدري صحابي هو، الله تعاليٰ بدرين جي سفارش نازل فرمائي.

ان ڪري جو جنهن کي الله پاڪ هڪ ڀيرو مقبول بڻائيندو آهي پوءِ ڪڏهن به ان کي مردود نا هي ڪندو، اسين ته دوست بڻائي پوءِ مردود ڪري ڇڏيندا آهيون ڇو جو اسان کي مستقبل ۾ ڪنهن جي وفاداريءَ جو ڪو علم نا هي. الله تعاليٰ ان کي ئي مقبول بڻائيندو آهي

جيڪو علمِ الاهيءَ ۾ سدائين مقبول ۽ وفادار هوندو آهي، ڇو ته الله تعاليٰ کي ماضي، حال ۽ مستقبل جو سڀ علم آهي، ان ڪري الله تعاليٰ سفارش نازل فرمائي.

﴿اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ㉒﴾ (سورة نور: آيت ٢٢، پارو ١٨)

اي ابوبڪر صديق رضي الله عنه ! ڇا اهاڳالهه توکي نه ٿي وڻي ته تون منهنجي هن ٻانهي کي معاف ڪر جيڪو بدري صحابي آهي، جنگِ بدر ۾ ڪافرن جي خلاف وڙهيو آهي ۽ جنهن کي مون پنهنجو پسنديده ٻانهو بڻايو آهي. غلطي بيشڪ ان کان ٿي آهي پر آئون ان کي معاف ڪريان ٿو، ڇا توکي اهاڳالهه پسند نا هي ته جڏهن تون هن کي معاف ڪرين ته الله توکي به معاف ڪري، حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه فرمايو:

”وَاللّٰهِ اِنِّيْ اُحِبُّ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لِيْ“ الله جو قسم، آئون چاهيان ٿو ته الله مون کي قيامت جي ڏينهن معاف ڪري. آئون مسطح رضي الله عنه کي معاف ڪريان ٿو ۽ هاڻي آئون پهرين کان وڌيڪ هن تي احسان ڪندس.

حضرت مولانا ابرارالحق صاحب رحمة الله عليه جن هڪ جڳهه تي ويهي وضو ڪرڻ شروع ڪيو، پوءِ اُتان کان اٿي بي جڳهه تي وينا، وري اتان به اٿي ٽين جڳهَه تي اچي وينا، ڪنهن پڇيو، حضرت! خير ته آهي؟ فرمايائون ته هن جڳهَه تي ماڪوڙيون هيون پاڻيءَ جي ڪري ٽِري ڪِنڌري وڃن ها، انهن جو ڪُٽنب هيڏانهن هو ڏانهن ٿي وڃي ها، جنهن جي ڪري انهن کي تڪليف اچي ها. هي آهن الله وارا جيڪي ڪولين، ماڪوڙين کي به نه ٿا ستائين.

دوستو ! ان ڪري آئون عرض ٿو ڪريان تہ پنهنجي پنهنجي زالن کان وڃي معافي وٺو، اڃان سوير آهي، قيامت جو ڏهاڙو ڏاڍو سخت هوندو. وڃي انهن کي چئو تہ جيڪڏهن مون کان تو کي ڪا تڪليف پهتي آهي يا ڪاوڙ ۾ مون ڪجهہ چيو هجي تہ مون کي معاف ڪر ۽ باقي رهي اها ڳالهہ تہ هو اسان کي چو ٿيون ستائين، تہ سمجهي ڇڏيو جيڪڏهن هتي عورتن جو اجتماع هجي ها تہ انهن جي سامهون توهان جي طرفداري ڪريان ها ۽ انهن کي سمجهايان ها تہ پنهنجي مڙسن جي عزت ڪريو، انهن کي ناراض نہ ڪريو نہ تہ توهان جي ڪا عبادت ئي قبول ناهي، پر هينئر تہ توهان اسان جي هٿين لڳل آهيو ۽ ڪيس توهان جي خلاف داخل ٿيل آهي، جيئن مردن جي طرفان ٿيل بي واجبين جو پوراءُ ٿي سگهي، آئون توهان کي زالن سان پلو برتاءُ ڪرڻ وارن ۽ انهن جي تڪليفن تي صبر ڪرڻ وارن جا بہ واقعا ٻڌايان ٿو. جن ۾ اها نصيحت آهي تہ جيڪڏهن زال ستائي ٿي، ڪاوڙ جي تِکي آهي، وات جي ڪڙي آهي تہ صبر ڪريو. ائين ڪرڻ تي توهان الله جا پيارا ٻانها بڻجي ويندا.

مثال جي ڳالهہ آهي جيڪڏهن توهان جي نياڻي وات جي ڪڙي آهي پر توهان جو نياڻو شريف آهي ۽ توهان جي نياڻي اچي چيو تہ آئون هن کي ستائيندي آهيان، چو جو آئون وات جي ڪڙي ۽ زبان جي تِکي آهيان پر بابا ! تنهنجو نياڻو تہ فرشتو آهي فرشتو، مون کان ڪڏهن بہ بدلو نہ ٿو وٺي پر مُرڪيو ٻاهر هليو ٿو وڃي ، ڪجهہ بہ نہ ٿو چوي.

دوستو ! اسين پنهنجي سيني ۾ دل رکئون ٿا، دل تي هٿ رکي ٻڌايو ته ان وقت پيءُ جي دل ڇا چوندي، ڇا ان جي دل اهو نه چاهيندي ته جيڪڏهن ڪا بلڊنگ هجي ته اهڙي نياڻي کي لکي ڏيان ها، ڪارهجي ها ته ان کي ڏئي ڇڏيان ها.

الله تعاليٰ جون اهي ٻانهيون جيڪي وات جون ڪَڙيون ۽ مزاج جون تِکيون آهن، انهن جي ڪڙين ڪوسين کي جيڪي سهي رهيا آهن ته پوءِ الله رب العزت به اهڙن ٻانهن کان ايڏو خوش ٿيندو آهي جو انهن کي نسبت مع الله جو ، پنهنجي ذات جي تعلق جو انتهائي اونچو مقام عطا ڪندو آهي ۽ اهڙن ماڻهن کي الله تعاليٰ پنهنجو پيارو بڻائيندو آهي.

هاڻي به واقعا ٻڌائي پنهنجي تقرير کي ختم ٿو ڪريان. منهنجو ارادو ته مختصر بيان جو هو، پر توهان حضرات جي برڪت سان ڪجهه ڳالهيون اچي ويون ۽ اهو به سوچيو ته ڪراچيءَ کان هتان (آفريقا) جو فاصلو ڪيترو آهي، هتي هر هر اچڻ آسان ناهي، نه توهان هرهر منهنجي زبان لهندائو ۽ نه ئي وري آئون توهان جا ڪَنَ هر هر لهندس. زبان ڪراچي جي آهي ۽ ڪن ڏکڻ آفريقا جا آهن. ان ڪري جيڪڏهن ڪا ٿورڙي دير ٿي ويئي ته ڇا ٿي پيو. منهنجي مرشدَ حضرت مولانا شاه عبدالغني صاحب رحمة الله عليه جن بزرگن جا هي به واقعا ٻڌايا هيا سي ٻڌي وٺو.

حضرت مرزا مظهر جان جانان رحمة الله عليه ايڏا نازڪ مزاج هئا جو جڏهن انهن وٽ هڪ دفعي وقت جو بادشاه آيو ته پاڻي پي پيالو مَٽَ تي ٽيڏو ڪري رکيائين، حضرت رحمة الله عليه صبر ته ڪيو،

ڪجهہ بہ نہ چيو پر مٿي ۾ سُور ٿي پين، ٿوري دير کان پوءِ عرض ڪيائين تہ سائين! آئون چاهيان ٿو تہ توهان کي خدمت لاءِ ڪو نوڪر ڏيان جنهن جي پگهارَ شاهي خزاني مان ڏني ويندي، فرمايائون تہ ادا هيستائين تہ مون صبر ڪيو پر هاڻي تہ نٿو سهي سگهان، جڏهن تو کي مَٽ تي پيالو رکڻ ئي نہ ٿو اچي. پيالي کي ٽيڏو رکي منهنجي مٿي ۾ سُور وجهي ڇڏيو تہ پوءِ تنهنجي نوڪر جو الائي ڇا حال هوندو، بس مون کي معاف ڪر.

مون کي نوڪر ڪو نہ کپي، ايڏا نازڪ هئا. جيڪڏهن نماز پڙهڻ لاءِ دهلي جي جامع مسجد ۾ ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪاڪَٽ سڌي پيل نہ ڏٺائون تہ مٿي ۾ سور اچي پوندو هون، جيڪڏهن سمهڻ واري سَوَڙ ۾ ڪو ٽوپو، ٽيڏو هوندو هو تہ ننڊ ختم ۽ مٿي ۾ سُور شروع.

انهن کي الهام ٿيو تہ اي مظهرجان جانان تون وڏو نازڪ مزاج آهين، منهنجي هڪ ٻانهي آهي جيڪا زبان جي ڏاڍي ڪڙي آهي، جيڪڏهن تون ان سان شادي ڪندين ۽ پوءِ ان سان نڀائيندين تہ اسين سڄي دنيا ۾ تنهنجي نالي جو ڏونڪو وڄائي ڇڏينداسين ۽ تو کي ايڏي عزت ڏينداسين جو سڄي دنيا ۾ تنهنجو نالو روشن ڪري ڇڏينداسين، توکان دين جو زبردست ڪم وٺنداسين. جلدي ان سان شادي ڪيائون، پوءِ صبح ۽ شام ان عورت جي طرفان ڪڙيون ڪوسيون ڳالهيون ٻڌندا هيا، پر انعام ڇا مليو. انهن جا خليفا ٿيا شاهہ غلام علي رحمة الله عليه ۽ انهن جا خليفا ٿيا مولانا خالد ڪُردي رحمة الله عليه ملڪِ شام ۾ ۽ انهن جي سلسلي ۾ مُفسِّر عظيم علاّمہ آلوسي سيد

محـمود بغـدادي ﷫ داخل ٿيـا ۽ انهن جي ئي سلسلي ۾ عـلاّمہ شـامي ابنِ عـابـدين ﷫ بيعت ٿيـا. اهـڙي طـرح الله تعـاليٰ سنـدن نـالي کي چـار چنـڊَ لڳـائي ڇـڏيـا.

هـڪـڙي طـالبِ علـم کين هڪ ڀيـري عـرض ڪيو تہ سـائين! مون توهـان لاءِ مـاني گهُـري تہ توهـان کي تـمـام گهڻو گهٽِ وڌِ ڳـالهـائڻ لڳي. توهـان اهـڙي عورت سـان ڇو شـادي ڪئي؟

حضـرت مـرزا مظهـر جـان جـانـان ﷫ فـرمـايو تہ اري نـادان! هن عورت جي ڪـڙين ڪـڙين ڳـالهين تي صبـر ڪـرڻ جي صـدقي تہ الله تعـاليٰ مون کي ايـڏو تعلق ۽ ايـڏو قـرب عطـا ڪيو آهي جو اڄ سڄي دنيـا ۾ منهنجي نـالي جو ڏونـڪو وڄي رهيو آهي. مون کي الله ايـڏي عـزت ڏني جو آئون ان جو سوچي بہ نہ ٿو سگهـان . مخلوق جي ستـائڻ تي صبـر ڪـرڻ تي الله تعـاليٰ وڏو انعـام عطـا ڪنـدو آهن.

ٻيو واقعو ٻـڌو: هڪ بـزرگ دعـا ڪئي تہ يـاالله مون کي ڪـا ڪـرامت عطـا فـرمـاءِ جو هيءَ تنهنجي ٻـانهي منهنجي ڪـرامت کي ڏسي منهنجي پٺَ کـان بچڻ لاءِ مون کي نہ ستـائي. آسـمـان مـان آواز آيو تہ ڪٺ تي ويهہ. اسين ان کي اڏامڻ جو حڪـم ڏينـدا سين . ڪٺ تي ويهنـدي ئي اهـا ڪٺ اڏامڻ لڳي ۽ گهـر جي اڱڻ ۾ خـاص ڪـري زال جي مٿـان ڪيتـرائي دفعـا اڏامي ڏيکـاريـائين. پوءِ اچي پڇيئين پنهنجي زال کـان تہ اڄ ڪو تو بـزرگ ڏٺو. زال چيو تہ اڄ تہ مون اهـڙو بـزرگ ڏٺو جيڪو آسـمـان تي اڏامي پيو. منهنجي اڱڻَ جي مٿـان بہ ڪيتـرائي دفعـا گـذريو. اهـڙا ٿيـنـدا آهن بـزرگَ. هڪـڙو تون آهين جيڪو سـدائين زمين تي ئي پيو هونـدو آهين

پـلا تو مون کي کــڏهن اڏامي ڏيکـاريو ؟

ان بـزرگ چيو تہ خـدا جو قسـم، اهو آئون ئي تہ هيس ، خـدا مون کي اچ کـرامت ڏني هئي، هـاڻي زال چـاتي چوي تہ اڙي توبہ توبہ ! تـڏهن تہ مون چيو تہ چو ڦـڏو ڦِـڏو پيو اڏامين. توهـان ڏٺو کيئن ان جي کـرامت تي بہ اعتـراض کـري ويٺي تہ تون هئين تـڏهن تہ تيـڏو پي اڏامين، ڏٺو، کـرامت کي بہ کيئن گڙ ٻڙ کـري ڇـڏيـائين.

هڪ ٻيو واقعو يـاد اچي ويو، اهو بہ ٻـڌي وٺو. شـاهہ ابوالحسن خـرقـاني رحمۃ اللہ علیہ هڪ بـزرگ هئـا، صـاحبِ کـرامت هئـا، هڪ هـزار ميل هلي هڪ مـاڻهو انهن جو مـريـد ٿيڻ آيو، پـر بـزرگ جهنگ ۾ ڪـاٺيون کـرڻ ويو هو، انهن گهـر اچي دروازي تـان سنـدن پڇـا کئي تہ انـدران آواز آيو تہ منهنجو مـڙس کو بـزرگ نـا هي، آئون ان کي گهڻو تي سڃـاڻـان، ڏينهن رات ان سـان گـڏ رهـان ٿي مون کي خبـر آهي تہ هي کهـڙو بـزرگ آهي، توهـان خواهہ مخواهہ ان جي چڪـر ۾ نہ اچو.

هـاڻي هي ويچـارو اهي ڳـالهيون ٻـڌي زاروقطـار روئڻ لڳو تہ يـاالله ! آئون هـزار ميل پنـڌ کـري هنن کي بـزرگ سـمجهي کجهہ فيض پـرائڻ آيو هيس ۽ هيءَ مـائي ڇـا پئي چئي، پـاڙي وارن چيو تہ هيءَ مـائي ڏاڍي بـدتـميـز آهي. شـابس هجي انهي بـزرگ کي جوهن کي سهيو ويٺو آهي، تون جهنگ ۾ وڃي بـزرگ کي تـلاش کـر هي جهنگ ڏانهن ويو تہ ڏٺـائين تہ شـاهہ ابوالحسن خـرقـاني رحمۃ اللہ علیہ شينهن تي ويهي اچي رهيو آهي ۽ کـاٺين جي ڀـري بہ شينهن جي پُٺيءَ تي رکيل آهي ۽ هٿ ۾ نـانگ جي لٺِ ٻڌيل آهي.ان مـاڻهوءَ کي ڏسي حضرت خـرقـاني صـاحب رحمۃ اللہ علیہ فـرمـايو لڳي ٿو

تون منهنجي گهران اچي رهيو آهين، ان ڪري جو تنهنجو منهن لٿل آهي. منهنجي زال کان تو کا شڪايت پڌي هوندي، ان جو خيال نہ ڪر آئون ان سان جيڪو نباهي رهيو آهيان ۽ ان جي ڪڙين ڳالهين کي سهي رهيو آهيان. الله تعاليٰ ان جي صدقي مون کي هيءَ ڪرامت عطا فرمائي آهي جو جهنگ جو بادشاهہ شينهن منهنجي قبضي ۾ آهي ۽ هُو منهنجي ونگار وهي رهيو آهي، روزا نو انهيءَ شينهن تي ڪاٺيون لڏي ايندو آهيان .

۽ هي نانگ الله تعاليٰ مون کي چَهبُڪ ڪري ڏنو آهي، جڏهن هي شينهن نہ هلندو تہ نانگ جي چهبڪ سان هن کي ماريندو آهيان. مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه پنهنجي مثنوي ۾ انهيءَ قصي کي ذڪر ڪيو آهي ۽ اُتي هڪ شعر لکيو آهي. جنهن کي مولاناشاهہ عبدالغني صاحب رحمة الله عليه پڙهندا هئا ۽ مست ٿي پڙهندا هئا ـ

**گر نہ صبرم می کشیدے بارِ زن**
**کے کشیدے شیر نر بے گارِ من**

جيڪڏهن منهنجو صبر اُن ڪڙي وات واري عورت کي نہ سهي ها ۽ ان عورت جي ڪڙين ڳالهين جي بار کي منهنجو صبر نہ کڻي ها تہ پوءِ ڀلا هي نَرُ شينهن منهنجي ڪيئن و نگار وهي ها. منهنجي مزدوري ڪري ها، ان ڳالهہ جي صدقي ئي الله تعاليٰ مون کي اها شيءِ عطا ڪئي آهي.

دوستو ! آئون اهوئي عرض پيو ڪريان ته پنهنجي زالن سان پلو برتاءُ ڪريو، انهن جي ڪڙين ڳالهين کي سهو، جيڪڏهن سهڻ جي طاقت نا هجي ته پوءِ ڪجهه دير لاءِ پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري وڃو. سعدي شيرازي رحمة الله عليه فرمايو ته جيڪڏهن زال ڪا ڪڙي ڳالهه ڪري ته هڪ ڇمون ان جي وات ۾ وجهي ڇڏيو جيئن ان جون گاريون به مِٺيون لڳن. عام ماڻهو زالن کي ڏنڊي سان نيڪ ڪرڻ چاهيندا آهن. پر زالون ڏنڊي سان نيڪ ڪو نه ٿينديون آهن.

ڏسو حضور ﷺ جن فرمائين ٿا. بخاري شريف جي حديث آهي:

"اَلْمَرْءَةُ كَالضِّلَعِ"

عورت ڦِڏي پاسرائيءَ وانگر آهي

جو ته هوءَ ڦِڏي پاسرائيءَ مان پيدا ڪئي وئي آهي، ان ڪري ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڦِڏاڻ ته ضرور رهندي.

"اِنْ اَقَمْتَهَا كَسَرْتَهَا"

جيڪڏهن ان کي سڌو ڪندئو ته ڀڃي پوندي

۽ طلاق تائين ڳالهه اچي رسندي.

"وَاِنِ اسْتَمْتَعْتَ بِهَا اِسْتَمْتَعْتَ بِهَا وَفِيْهَا عِوَجٌ"

پر جيڪڏهن توهان ان مان فائدو وٺڻ چاهيو ٿا ته فائدو وٺو ۽ ان ۾ ڦِڏاڻ ته ضرور رهندي.

جئين توهان پنهنجي ڦِڏي پاسرائيءَ مان فائدو وٺي رهيا آهيو يا نه، يا ڪڏهن توهان ڊاڪٽر وٽ به ويا آهيو ته منهنجي پاسرائي سڌي ڪر. بلڪل اهڙي طرح توهان عورت مان ان جي

قِـذاڻِ هونـدي فـائـدو حـاصل ڪـري سگهو ٿـا. ان مـان راحت بہ ملي وينـدي ۽ اولاد بہ ملي وينـدو، ٿي ٿو سگهي تہ ڪو ولي الله ان مـان پيـدا ٿئي جيڪو قيـامت جي ڏينهن توهـان جي بخشش جو ذريعو بڻجي وڃي.

﴿وَعَسٰی اَنۡ تَکۡرَهُوۡا شَیۡـًٔا وَّهُوَ خَیۡرٌ لَّکُمۡ﴾ (سوره بقره: آيت ٢١٦، پارو: ٢)

الله تعـالي فـرمـائين ٿـا تہ ڪجهہ شيون توهـان کي نہ ٿيون وڻن پـر ان ۾ توهـان لاءِ وڏي ڀـلائي هونـدي آهي.

توهـان سـمجهو ٿـا تہ هيءَ نڪ جي مني آهي، هن جو رنگ ڪـارو آهي، مون کي تہ ڪـاحسين ملي هـا، پـر ٿي ٿو سگهي تہ هن جي پيٽ مـان الله تعـالي ڪو ولي الله عـالـم سڳورو پيـدا ڪـري جيڪو قيـامت جي ڏينهن تنهنجي ڪـمِ اچي. ان ڪـري شـڪل ۽ صورت تي نہ وڃو، ڪـڏهن زمين تہ ڪـاري هونـدي آهي ۽ خـراب هونـدي آهي پـر ان مـان اَن ڏاڍو پلو نڪـرنـدو آهي. ڪـاري رُڏ مـان الله جـا ولي پيـدا ٿيـا آهن ۽ اڇي اُجـريءَ مـان ڪـڏهن شيطـان پيـدا ٿيـا آهن.

ان ڪـري زالن کي حقيـر نہ سـمجهو، رنگ روپ کي نہ ڏسو، جهـڙيون بہ آهن، انهن سـان نڀـائيو، جيڪـڏهن انهن مـان فـائـدو حـاصل ڪـرڻ چـاهيو ٿـا تہ پوءِ انهن جي قُـدرتي قِـذاڻ کي سهڻو پونـدو.

حـديث پـاڪ جـا لفظ آهن "وَفِیۡهَا عِوَجٌ". بخـاري شـريف جي هن حـديث جي تشـريح ۾ عـلامہ قُسطـلاني رحمة الله عليه فـرمـائين ٿـا:

(ارشاد الساري: ص٨٧، ج٨)

"فِيهِ تَعْلِيمٌ لِلْإِحْسَانِ إِلَى النِّسَآءِ"

هن حديث ۾ سبق آهي عورتن سان ڀلو برتاءُ ڪرڻ جو

"وَالرِّفْقِ بِهِنَّ"

۽ انهن سان نرميءَ سان پيش اچڻ جو

"وَالصَّبْرِ عَلٰى عِوَجِ أَخْلَاقِهِنَّ"

۽ انهن جي اخلاقي ڦِڏاڻ تي صبر ڪرڻ جو

"لِاحْتِمَالِ ضُعْفِ عُقُوْلِهِنَّ"

ڇو ته انهن جا عقل ڪمزور هوندا آهن

۽ جن ۾ عقل گهٽ هوندو آهي اهي جلدي وڙهي پوندا آهن، مردن ۽ ٻارن ۾ به ڏسو، جنهن جو عقل گهٽ هوندو آهي اهو گهڻو وڙهندو آهي. هي عورتون به عقل جون گهٽِ آهن ان ڪري انهن جي ٿَر ٿَر ڪي سهو. ڏسو هن حديث پاڪ ۾ ڪيترو زبردست سبق سيکاريو ويو آهي ته عورتن کي سڌي ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو بلڪ انهن جي ڦڏاڻ کي سهو.

۽ هاڻي هيءَ آخري حديث ٻڌائي مضمون کي ختم ٿو ڪريان، جنهن کي گهڻا ماڻهو ٿي ٿو سگهي اڄ پهريون ڀيرو ٻڌندا هوندا. ۽ اها حديث تفسير روح المعاني ۾ لکيل آهي. جيڪڏهن هتي روح المعاني آهي ته علماءَ جڏهن چاهين، انهن کي ڏيکاري سگهان ٿو، منهنجي ڪا به ڳالهه ان شاء الله بنا دليل جي نه هوندي.

حضور ﷺ جن فرمائين ٿا: (روح المعانی: ص۱۴، ج۵) "يَغْلِبْنَ كَرِيمًا"

عورتن جو مزاج اهڙو آهي جو جيڪي مڙس شريف هوندا آهن، بدلو ڪو نه آهن وٺندا ۽ ڏندا ڪو نه آهن هڻندا بلڪ ڏندن جي

بدران اندا (آنا) ڪارائيندا آهن.

اهڙن شريف مڙسن تي اهي غالب اچي وينديون آهن، خبر اٿن تہ بدلو تہ وٺندو ئي ڪو نہ ، گار بہ نہ ڏيندو، ان ڪري ان سان تِکي زبان سان ڳالهائينديون آهن، تہ اسان تہ توکي چيو تہ فلاڻو ڪپڙو وٺي اچ ۽ تون چاوٺي آيو آهين، مون تہ توکي چپلن جو چيو هو ۽ تون پراڻي وٺي آيو آهين ۽ مون تہ توکي سٺن ڪپڙن لاءِ چيو هو ۽ تون هي کهڙيون اَگِڙيون وٺي آيو آهين ۽ مون تہ توکي چيو هو تہ چانهہ لاءِ ڪي سٺا ڪوپَ وٺي اچ ۽ تون هي کهڙا ٺِڪرَ وٺي آيو آهين. پراڻين چپلن، اَگِڙين ۽ ٺڪرن تي وڙهي رهي آهي ۽ هي ويچارو پيو مُرڪي ۽ ڪجهہ بہ جواب نہ ٿو ڏي.

**"يَغْلِبْنَ كَرِيمًا".**

هي حضور ﷺ جن جا الفاظِ نبوت آهن تہ نيڪ، لائق ۽ شريف مڙسن تي زالون غالب اچي وينديون آهن. **"وَيَغْلِبُهُنَّ لَئِيمٌ"** ۽ ڪمينا ماڻهو وري انهن تي غالب هوندا آهن، موچڙا هڻي، ڏنڊا هڻي انهن تي پنهنجو رعب ويهاريندا آهن ۽ هو ويچاريون ڪمزور هونديون آهن، انهن جو پيءُ ۽ ڀاءُ تہ اتي ڪونهي هوندو، هڪ لت ۽ بہ نونشا هڻي ڇڏيا. هوءَ ويچاري آهہ ڀري چپ ٿي ويندي آهي ۽ مار جي ڊپ جي ڪري ڪڏهن بہ انگلَ نہ ٿي ڪري، جيتوڻيڪ اهو ان جو شرعي حق آهي.

حضور ﷺ جن فرمائين ٿا تہ اي عائشہ رضي الله عنها! جڏهن تون رُٺل هوندي آهين تہ مون کي خبر پئجي ويندي آهي، امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ منهنجو ابو ۽ امڙ توهان تي گهور جي

وجن، توهان کي ڪيئن ٿي خبر پوي ته اڄ آئون توهان کان رُٺل آهيان، فرمايائون ته جڏهن تون مون کان رُسي ويندي آهين ته چوندي آهين "وَرَبِّ اِبْرَاهِيْمَ "ابراهيم عليه السلام جي رب جو قسم ۽ منهنجو نالو ڪو نه وٺندي آهين ۽ جڏهن مون کان خوش هوندي آهين ته چوندي آهين. "وَرَبِّ مُحَمَّدٍ" محمد ﷺ جي رب جو قسم، ته حضرت عائشه رضي الله عنها کلي پيئي ۽ عرض ڪرڻ لڳي ته اي الله جا رسول ﷺ ! توهان بلڪل صحيح فرمايو. (بخاري: ص۷۸۴، ج۲)

خبر پيئي ته عورتن کي ٿورڙو رسڻ جو به حق آهي، جيڪڏهن هوءَ منهن سڄايو ويٺي آهي ته ٺونشو هڻي ان جو منهن سڌو نه ڪريو بلڪ سندس وات ۾ ڇمون وجهي ان جو منهن سڌو ڪريو، جيڪڏهن ڪاوڙيل آهي ته ان کي خوش ڪريو ۽ پڇوس ته ڪهڙي تڪليف آهي ۽ تنهنجي حق ۾ مون کان ڪهڙي ڪوتاهي ٿي آهي .

۽ ڇمون لڪائي ڪري ڪٽي وجو ۽ آهستي ڪري وات ۾ وجهي ڇڏيوسِ، ڇو جو زالن جي وات ۾ گرهه وجهڻ به سنت آهي يانه، ڪڏهن ته هن سنت تي به عمل ڪريو . پر گِرهه جو مطلب اهو به ڪو نهي ته چٽني وجهي ڇڏيو ۽ مرچن جي ڪري دست ٿي پونس.

ان کان پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمائين ٿا:

"فَاُحِبُّ اَنْ اَكُوْنَ كَرِيْمًا مَغْلُوْبًا"

هي ڪير پيا فرمائين سڀني نبين جا سردار ﷺ جن ارشاد فرمائين پيا ته مون کي اها ڳالهه وڻي ٿي ته آئون ڪريم رهان پوءِ پلي مغلوب رهان، پلي منهنجو زالون مون سان ڏاڍي آواز سان ڳالهائين، پر آئون

اخلاقي بلندين جي مينارن کي ڪِرَڻ نہ ڏيندس، پنهنجي اخلاقي بلندين کي قائم رکندس، انهن عورتن تي ڪريم رهندس، انهن جي ڳالهين کي سهندس، الله جون ٻانهيون سمجهي انهن کي معاف ڪندس

"وَلَا اُحِبُّ اَنۡ اَكُوۡنَ لَئِيۡمًا غَالِبًا"

۽ اها ڳالهہ مون کي نہ ٿي وڻين تہ آئون ڪمينو ۽ بد اخلاق ٿي انهن تي غالب اچي وڃان

۽ منهنجي اخلاقي بلندين ۾ نقصان اچي وڃي.

هڪ ڀيري اسان جو مائرون ٿورو ڏاڍيان ڳالهائي رهيون هيون ۽ ڪجهہ خرچ پکي بابت چئي رهيون هيون، ان وقت حضرت عمرفاروق رضی اللہ عنہ جن اچي ويا تہ سڀ چپ ٿي ويون چو جوحضرت عمرفاروق رضی اللہ عنہ ٻڌي ورتو هو تہ اڄ ڪجهہ ڏاڍي آواز سان ڳالهيون پيون ٿين، تہ حضرت عمرفاروق رضی اللہ عنہ جن فرمايو: الله جون ٻانهيون ۽ منهنجون مائرون توهان نبي اڪرم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم سان ٿيون ڏاڍي آواز سان ڳالهايو ۽ عمر رضی اللہ عنہ کان ڊڄي ويون ، تہ پوءِ ڇا فرمايو اسان جي مائرن، اسان جي امڙين فرمايو تہ :اي عمرفاروق رضی اللہ عنہ توهان تہ سخت دل آهيو ۽ اسان جو واسطو رحمتہ للعالمين سان پيو آهي. رحمت واري نبيءَ سان اسان جو پالو پيو آهي، تنهنجي طبعيت ۾ تہ سختي آهي پر اسان جو نبي سخت ناهي. هو تہ رحمتہ للعالمين آهي ۽ اسان جا انگل سهڻ وارو آهي، تڏهن تہ اسين ان سان انگل ڪري رهيون آهيون

.(بخاری: ۵۲۰ص، ج۱)

سبحان الله ڪيڏي نہ پلي ڳالهہ فرمائي.

ويچاريون عورتون ڪهڙا انگل اهڙن مڙسن سان ڪنديون جن کي ٿورڙي ڪا ڳالهه چئي ويئي ته لڳائي ڇڏيائون هڪ ٺونشو. ۽ عجيب ڳالهه آهي جو سڄو ڏينهن ته مارڏني ۽ وري رات جو ڪڇ ۾ ويهاري چُميون پيو ڏيئي، ٻڌايو ته سهي ، هي انسان آهي يا جانور جو صبح جو ته ڏندا پيو هڻي ۽ رات جو وري پيار جو اعليٰ مقام پيو پيش ڪري، ڏينهن جو بگهڙ ۽ رات جو ديوانو ٿيو وڃي.

دوستو! جيڪڏهن اهڙا حالات آهن مثلاً نماز نه ٿي پڙهي ته عالمن سڳورن کان پڇو ته ڇا ڪريان؟ فضائلِ نماز(ڪتاب) ان جي سيراندي کان رکي ڇڏيو، يا روزانو پڙهي ٻڌايو، پر مارڪٽ جو طريقو صحيح ناهي. جيترو ٿي سگهي سهو پر جيڪڏهن ڪا سختيءَ جي ضرورت پئجي ويئي ته آئون منع نه ٿو ڪريان، ڪجهه اجازت به آهي پر دين جي باري ۾ جئين هوءَ سينيما ۾ فلم ڏسڻ لاءِ ضد ڪري ته ان وقت توهان سختي ڪريو.

ٽي وي ۽ وي سي آر آڻڻ جي فرمائش ڪري ته پوءِ توهان دين جي باري ۾ نرمي نه ڏيکاريو ۽ چئي ڇڏيو ته وي سي آر هرگز نه ايندي ، اسان جي گهر ۾ ڪڏهن به گناهه جو ڪو ڪم نه ٿيندو، جيڪڏهن هوءَ ٻارن لاءِ پلاسٽڪ جي ڪا ٻلي وٺي آئي آهي ته پوءِ گهر ۾ اها تصوير رهڻ نه ڏيو، پر حڪمت سان ڪم ڪجو ۽ حڪيمانه انداز اهو آهي جنهن جو آئون پنهنجي دوستن کي مشورو ڏيندو آهيان ته جيڪڏهن هوءَ ٻن رين (رين ڏکڻ آفريقا جي سڪي جو نالو آهي) جي پلاسٽڪ واري ٻلي وٺي آئي ته پوءِ توهان وري پنج رين وارو هوائي جهاز وٺي

وجو، ان کان وڌيڪ سٺي ۽ قيمتي شي ۽ جيڪا شريعت پاڪ ۾ جائز هجي پنهنجي ٻارن لاءِ وٺي اچو .

مثلاً هوائي جهاز آهي، ريل آهي، ٻال آهي، اچي ٻارن کي ڏيو، پر جيڪڏهن توهان ڏنو ته ڪجهه نه ۽ پلاسٽڪ ٻليءَ جي ڳچي ڪاتيءَ سان وڍي ڇڏي ته ٻار به روئندا ۽ زال به توهان سان وڙهندي ته ڪالهه تائين ته تو پئي ڏاڙهي ڪوڙائي ۽ سوٽ پاتو . هاڻي هڪڙو چلو تبليغ ۾ لڳائي آيو آهين ته وڏو مولانا ٿي ويو آهين، وڏو ڪو ظالم آهين جو ٻارن کي رئاري ڇڏيئي، ويچارن ٻارن پنهنجي دل پئي وندرائي تو ڪان اِها ڳالهه به سَٺي نه ٿي.

ان ڪري پهرين ڪنهن سٺي راندڪي سان ٻارن جي دل وندرايو ۽ ان لاءِ ڪجهه خرچ ڪريو، ڪنجوسي نه ڪريو، پوءِ آهستي ڪري ٻليءَ کي گم ڪري ڇڏيو ۽ پڇي اچلائي ڇڏيو، ڇو جو ، زنده شين جي تصوير رکڻ سان گهر ۾ رحمت جا ملائڪَ ڪو نه آهن ايندا، جانور جي تصوير هجي يا ڪنهن ماڻهوءَ جي، ڀلي ڪنهن الله واري جي هجي، ڪنهن جي تصوير رکڻ به جائز ناهي، وڏو گناهه آهي.

تہ منهنجا دوستو ! هي ڪجهه ڳالهيون مون عرض ڪيون آهن اڄ توهان پنهنجي زالن کي وڃي اها خوشخبري ٻڌايو ته جنت ۾ توهان جي سونهن صورت حورن کان به وڌيڪ ڪئي ويندي، جيئن انهن کي جو اهو ڏک آهي ته اسان جي ته شڪل ئي بگڙي ويئي آهي، خوشيءَ سان بدلجي وڃي ۽ عجيب ڳالهه آهي ته پوڙهي ماڻهوءَ جا وارَ ته اڇا ٿي ويندا آهن پر اندر نفس جا وار ڪارا رهندا آهن.

پوڙهو به ڪونهي چاهيندو ته ڪنهن پوڙهيءَ سان شادي ڪريان، اهو به چاهيندو آهي ته ڪنهن ننڍي عمر واري عورت سان هڪ ٻي شادي ڪريان، پوءِ ڀلي پاڻ ستر سال جو پوڙهو هجي پر چاهيندو اهو ته ڪنهن چاليهه وَرهن واري عورت سان شادي ڪريان ڪڏهن به ائين نه چوندو ته ستر سال جي پوڙهيءَ سان منهنجي شادي ٿئي.

ان ڪري پيارا! زال پوڙهي هجي يا ڪهڙي به هجي، جنهن به پنهنجي زال کي رئاريو آهي، ان جي آهه ڪيدي آهي، ان جا گوڙها وهايا آهن ته اڄ وڃي ان کان معافي وٺي ۽ ان کي وڃي چئو ته هاڻي تو کي رڳو پنهنجي زال نه سمجهندس، پر ان شاء الله. الله تعاليٰ جي ٻانهي سمجهي توسان ڀلو برتاءُ ڪندس، جيئَن آئون پنهنجي نياڻيءَ لاءِ چاهيندو آهيان ته منهنجو نياڻو ان سان ڀلو برتاءُ ڪري ۽ ان جي غلطين کي معاف ڪري. اڄ کان آئون تنهنجون سيئي غلطيون معاف ڪريان ٿو ۽ واعدو ٿو ڪريان ته تو کي ڪڏهن به نه رئاريندس ۽ ڪڏهن به ناراض نه ڪندس.

اهڙي طرح ان کي خوش ڪريو ۽ رڳو زباني نه، پر ڪجهه روڪَ روپيا يا ڪو تحفو به ڏيوسِ. رڳو زباني معافي، ته معافي ٿو گهران، معافي ٿو گهران ۽ روپيو هڪڙو به نه ڪيدي ته اها علامت آهي ڪنجوسيءَ جي جيئَن مولانا روميؒ لکيو آهي ته هڪ ماڻهوءَ جو ڪتو بکيو مري رهيو هو ۽ پاڻ روئي رهيو هو ته هائي! منهنجو ڪتو مري رهيو آهي، ڏهن سال جو پاليل آهي، هڪڙي ماڻهوءَ چيس ته تنهنجي مٿي تي جيڪو ڪاروپيل آهي ان ۾ ڇا آهي؟ جواب ڏنائين ته ماني

آهي، ان ماڻهوءَ چيس تہ پوءِ هيءَ ماني ڇو نہ ٿو ڏينس ۽ پيو روئين تہ ڪتو بک جي ڪري مري رهيو آهي. چوڻ لڳو تہ ادا، هي ڳوڙهـا تہ مفت جا آهن پر هي مانيون تہ پيسن جون آهن، تہ ائين نہ ڪريو، انهن کي ڪو تحفو ضرور ڏيو.

حضرت حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه ڪمالات اشرفيہ ۾ زالن جو هڪ هي حق بہ لکيو آهي تہ هر مهيني ۾ انهن کي ڪجهہ جيب خرچي بہ ڏيو ۽ پوءِ ان جو حساب بہ نہ وٺو، تہ تو ڪٿي خرچ ڪيو. الله جنهن کي جيترو بہ ڏنو آهي، اُن حساب سان ڪجهہ ماهوار مقرر ڪيو.

مثلاً جيڪڏهن ڏهہ هزار رپين جي ڪمائي آهي تہ پوءِ هڪڙو رپين( روپيو) نہ ڏيو، پنجاهہ، سؤ ڏيو، بلڪ اڃا بہ وڌيڪ ڏيو ۽ ڏيئي وساري ڇڏيو ۽ اهو بہ چئي ڇڏيو تہ تو کي اختيار آهي، جتي چاهين پلي خرچ ڪر آئون تو کان ان جو حساب نہ وٺندس.

هيءَ ماهانہ کيسي خرچي ان جو حق آهي، ڇو تہ هوءَ مجبور آهي. پاڻ ڪمائي نہ ٿي سگهي. ڪڏهن ان جي دل چوندي تہ منهنجو پاءُ آيو آهي، غريب آهي ان کي ڪو تحفو ڏيان، جيڪڏهن ان وٽ ڪجهہ بہ نہ هوندو تہ پوءِ ڪٿان آڻي ڏيندي، ان ڪري ان جي جذبن ۽ جائزخواهشن جي رعايت ڪجي. سچي زندگي توهان سان پـڏل آهي، زندگيءَ جي هم سفر آهي، توهان جي گهر جي درَ کان ٻاهر نہ ٿي وڃي سگهي، سچي زندگي تنهنجو ساٿ ڏيئي رهي آهي، ان ڪري هر طرح سان ان جي راحت ۽ آرام جو خيال رکڻ ضروري آهي.

هڪ ٻي ڳالهہ توهان کي عرض ڪريان تہ هڪ ماڻهو هو جيڪو ٻين عورتن کي ڏسندو هو ۽ پنهنجي زال کي گهٽ حسن جي ڪري حقير سمجهندو هو، ان کي دستن جي بيماري ٿي پئي، پنهنجو اکين ڏٺو واقعو پيو ٻڌايان، دستن مٿان دست ۽ الٽين مٿان الٽيون ٿيڻ لڳيون، ان جي زال سندس پيشاب، ڪاڪوس ڌوتا، ايڏي خدمت ڪئي جو جڏهن ٺيڪ ٿيو تو پوءِ ڏاڍو رُنو تہ اي منهنجي زال! تو تہ منهنجا پيشاب ڪاڪوسَ ڌوتا ۽ اهي عورتون جن کي آئون ڏسي تو کي حقير سمجهندو هيس، انهن مان ڪا بہ ڪمِ نہ آئي، ڪمِ تہ تون ئي آئيَن. اري ادا، جڏهن ڪو پوڙهو بيمار ٿي کٽَ تي ڪرندو آهي تہ پوءِ پوڙهي زال ئي ڪم ايندي آهي، ان ڪري ان کي حقير نہ سمجهو.

اڄ جيڪڏهن توهان سيني پنهنجي زالن سان پلو برتاءُ ڪرڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو، الله تي نظر وجهندي، اهو سمجهيو تہ هيءَ تہ الله جي ٻانهي آهي تہ اختر جو اڄڻ ڪارائتو ٿي ويو، ان شاء الله تعالىٰ. دعا ڪريو تہ الله تعالىٰ هنن گذارشات کي قبول فرمائي، جيڪڏهن منهنجي هڪڙي تقريرَ بہ ڪارائتي ٿي ويئي تہ پوءِ ڪراچيءَ ڪان هتي اچڻ جي سڄي تڪليف نفعي بخش ٿي ويندي.

اڄ توهان واعدو ڪريو تہ گهر وڃي منهنجون جيڪي بہ ڳالهيون ياد رهن پنهنجي زالن کي ٻڌايو. الہٰ آباد جيڪو هندوستان جو هڪڙو شهر آهي، اتي هڪ وڏو عالم آهي جيڪو مولانا شاهہ وصي الله صاحب جو مائٽُ بہ آهي ۽ هڪ وڏي اداري جو مهتمم پڻ آهي. انهن اتي مون ڪان بيان ڪرايو، ان جي زال بہ منهنجو بيان ٻڌو هو، رات پنهنجي مڙس کي چوڻ لڳي تہ توهان ايڏا وڏا عالم آهيو پر توهان

ڪـــڏهن بہ مون ڪي اهو نہ ٻــڌايو تہ اسـان جون شڪلون جنت ۾ حورن ڪـان بہ وڌيڪ پليون ٿي وينــديون، ان ڪـري هي جيڪو مولانـا صـاحب آيو آهي، جنهن اسـان ڪي ايــڏي وڏي خوشخبـري ٻــڌائي آهي. آئون ان ڪي پلي نيـرن ڪـرائڻ چـاهيـان ٿي.

تہ دوستو ! اڄ توهـان پنهنجي زالن ڪي وچي اهي ڳـالهيون ٻــڌايو تہ توهـان ڪي بہ سپـاڻي پلي نيـرن ملنــدي، ان شـاء الله .

بس دعـا ڪـريو تہ الله تعـاليٰ عـمل جي توفيق عطـا فـرمـائي ۽ جيڪو ڪجهہ عـرض ڪيو ويو آهي الله تعـاليٰ شل ان ڪي قبول فـرمـائي ۽ اسـان مـڙني ڪي الله واري زنــدگي عطـا فـرمـائي. اي الله ! نفس ۽ شيطـان جي غـلاميءَ مـان ڪــڍي سؤ فيصــد پنهنجي فـرمـانبـرداريءَ واري زنــدگي، اطـاعت واري زنــدگي ۽ الله واري زنــدگي نصيب فـرمـاء .

اسـان جي گنـاهن ڪي معـاف فـرمـاء، جيڪــڏهن اسـان تنهنجي مخلوق مـان ڪنهن تي ظلـم ڪيو هجي، ڪـا مـاڪوڙي بہ جيڪــڏهن اسـان ڪـان لتـاڙ جي ويئي هجي، يـا اسـان پنهنجي نـالائقي ۽ غفلت جي ڪـري پنهنجي زالن ڪي ستـايو هجي، يـا پنهنجي خـانـدان وارن ڪي، يـا پنهنجي مـاءُ پيءُ ڪي نـاراض ڪيو هجي، تہ اسـان ڪي انهن ڪـان معـافي وٺڻ جي توفيق عطـا فـرمـا ئج ۽ توبہ ڪـرڻ جي توفيق عطـا فـرمـاء، اي الله پنهنجي مخلوق جي بـاري ۾ اسـان جي ڪـفـالت فـرمـاء، قيـامت جي ڏهـاڙي انهن ڪـان معـافي و ٺـرائڻ لاءِ اسـان جي ڪـفـالت قبول فـرمـاء ۽ جيڪـي جيـرا آهن، انهن جي حقن ڪي ادا ڪـرڻ جي ۽ انهن ڪـان معـافي وٺڻ جي توفيق عطـا فـرمـاء. اسـان سيني ڪي پنهنجي حقن ۾ بہ معـاف فـرمـاء ۽ پنهنجي مخلوق جي حقن ۾ بہ معـاف فـرمـاء.

اي الله ! اسان سڀني کي صاحبِ نسبت بڻاءِ، جيترا به ماڻهو هتي ويٺا آهن يا الله ڪنهن کي به محروم نه فرماءِ. مڙني کي الله وارو بڻاءِ ۽ جيڪي ماڻهو هتي ناهن انهن کي به پنهنجو بڻاءِ، اي الله اسان سڀني جي خاندان وارن کي، اسان جي زالن کي ۽ ٻارن ٻچن کي نيڪ بڻاءِ ، الله وارو بڻاءِ ۽ نياڻين کي الله واريون بڻائج. اسان جي دنيا ۽ آخرت ٻئي جهانَ سنوارِ . اي الله هن تقريرَ کي قبول فرمائج .

# گهريلو جهڳڙن کان بچڻ جو طريقو

فرمايائون: ته گهريلو جهڳڙن کان بچڻ جو پلو طريقو هي آهي ته هڪ گهر ۾ ڪجهه خاندان گڏ نه رهن ڇوته هڪ گهر ۾ ڪيترن ئي عورتن جو گڏ رهڻ ئي فساد جو ڪارڻ آهي.

(ارشادات حضرت ٿانوي ، ص ١٢)

# زال ، مڙس جا حق

زال، مڙس ۾ جهيڙي جو اصل سبب هڪ ٻئي جا حقَ ادا نه ڪرڻ آهن . ٻئي جي حق ادا نه ڪرڻ جي ئي ڪري جهيڙا ٿيندا آهن. ان ڪري ٻنهين تي لازم آهي ته هڪ ٻئي جا حق سڃاڻن ۽ پوءِ انهن مڙني حقن کي ادا ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪن ۽ جڏهن به ڪنهن جي طرفان ڪا ڪوتاهي ٿئي ته کليل دل سان ان جو اعتراف ڪري ۽ جلدئي ان ڪوتاهيءَ جي تلافي ڪري، ائين ڪرڻ سان ڪا به رنجش نه رهندي. هتي مختصر طور تي ٻنهين جا ڪجهه شرعي حق ذڪر ڪيا وڃن ٿا.

# مڙس تي زال جا هي حق آهن

(۱) زال سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچي.

(۲) وچٿرائيءَ سان ان جي تڪليف تي صبر ڪرڻ مطلب ته جيڪڏهن زال جي طرفان ڪا طبيعت جي خلاف نه وڻندڙ ڳالهه ٿي وڃي ته ان تي صبر ڪرڻ ۽ سهڻ ۽ نرميءَ سان ان کي سمجهائڻ جئين آئنده هوءَ ائين نه ڪري ۽ ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڪاوڙ نه ڪجي.

(۳) غيرت ۾ وچٿرائي رکجي مطلب ته خواه مخواه زال سان بدگماني نه ڪري ۽ نه ئي زال جي باري ۾ بلڪل غافل ٿي وڃي.

(۴) خرچَ ۾ وچٿرائي رکي مطلب ته نه حد کان وڌيڪ تنگي ڪري ۽ نه ئي وري اجائي خرچَ جي اجازت ڏيئي، وچٿرائيءَ کان ڪم وٺي.

(۵) حيض ۽ نفاس جا حڪمَ سکي پنهنجي زال کي سيکارڻ، نماز پڙهن ۽ دين تي هلڻ جو تاڪيد ڪرڻ، بدعتن ۽ رسمن کان روڪڻ.

(٦) جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ زالون آهن ته انهن سان برابر وارو برتاءُ ڪرڻ.

(۷) ضرورت مطابق همبستري ڪرڻ.

(۸) ضرورت مطابق رهائش لاءِ گهر ڏيڻ

(۹) ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي زال کي سندس ويجهن مائٽن سان ملڻ جي اجازت ڏيڻ

(۱۰) ان سان همبستريءَ جون ڳالهيون ٻين تي ظاهر نه ڪرڻ.

(١١) ضرورت مهل زال کي مارڻ ۾ تنبيہ ڪرڻ جي حد جيڪا شريعت ٻڌائي آهي ان کان وڌيڪ مارڪٽ نہ ڪرڻ.

# زال تي مڙس جا هي حق آهن

(١) هر جائز ڪم ۾ پنهنجي مڙس جي اطاعت ڪرڻ، پر ها شريعت جي خلاف ۽ گناهن جي ڪم ۾ عذر ڪري ڇڏي.

(٢) مڙس جي حيثيت کان وڌيڪ خرچ جو مطالبو نہ ڪجي.

(٣) مڙس جي اجازت کان بغير ڪنهن کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏيئي.

(٤) مڙس جي اجازت کانسواءِ ان جي گهر مان نہ نڪري.

(٥) مڙس جي اجازت کانسواءِ ان جي مال مان ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ڏي.

(٦) مڙس جي اجازت کانسواءِ نہ نفل نماز پڙهي ۽ نہ ئي نفلي روزو رکي.

(٧) جيڪڏهن مڙس پنهنجي ضرورت لاءِ سڏي تہ شرعي رڪاوٽ کانسواءِ انڪار نہ ڪري.

(٨) مڙس کي سندس غريبت يا بدصورتيءَ جي ڪري حقير نہ سمجهي.

(٩) جيڪڏهن مڙس ۾ ڪا شريعت جي خلاف ۽ گناهہ واري ڳالهہ ڏسي تہ پوءِ ادب سان روڪي.

(١٠) مڙس کي ڪڏهن بہ نالو وٺي نہ سڏي.

(١١) ڪنهن جي سامهون ان جي شڪايت نہ ڪري.

(١٢) پنهنجي مڙس سان ڪڏهن بہ زبان درازي ۽ بدزباني ۽ گار

گند نہ ڪري.

(١٣) پنهنجي مڙس جي ماءُ پيءُ کي پنهنجو مخدوم سمجهي انهن جو ادب، احترام ڪري، انهن سان ڪڏهن به ڪو جهيڙو نه ڪري ۽ نه ئي ٻئي ڪنهن طريقي سان تڪليف پهچائي.

# نيڪ زال

قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ نيڪ زال اها آهي جيڪا مرد جي حاڪميت کي مڃي ان جي چيي تي هلي، ان جا سڀ حق ادا ڪري ۽ ان جي پٺ پويان پنهنجي نفس ۽ مال جي حفاظت ڪري. پنهنجي عزت ۽ مڙس جي مال جي حفاظت جيڪي گهريلو ڪمن ۾ وڏا اهم ڪم آهن، انهن جي ادائيگيءَ ۾ مڙس جي موجودگي ۽ غير موجودگيءَ جي حالت بلڪل برابر رکي. ائين نه هجي ته مڙس جي سامهون ته ان جو خيال ڪري ۽ مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ لاپرواهي ڪري، هڪ حديث ۾ ان جي وڌيڪ وضاحت آهي. حضور اقدس ﷺ جن فرمايو: ڀلي زال اُها آهي جو جڏهن ان کي ڏسو ته خوش ٿي وڃو ۽ جڏهن ان کي ڪو حڪم ڪريو تو اطاعت ڪري ۽ جڏهن توهان موجود نه هجو ته پنهنجي نفس ۽ مال جي حفاظت ڪري. (معارف القرآن)

هڪ ٻي حديث ۾ حضور ﷺ جن فرمايو ته جيڪا زال پنهنجي مڙس جي تابعدار ۽ فرمانبردار هجي ته ان لاءِ هوا جا پکي، دريا جون مڇيون، آسمان جا فرشتا ۽ جهنگ جا جانور بخشش جون دعائون ڪندا آهن. (بحر محيط)

❋☆❋☆❋